


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شاعري : عبد الغفار تبَسُم

ڇاپو : پهريون مارچ 2005ع

تعداد : هڪ هزار

ڪمپوزنگ : ڪاشف اقبال گرافڪس
بهار ڪالوني ڪراچي (فون: 0300-2571037)

ڇپائيندڙ : خليل جبران پبلشرز

ملهه : اسي رُپيا = 80 Rs.

Price : US D($) 6

---

POETRY BY

ABDUL GHAFFAR TABASSUM

PUBLISHED BY

KHALIL JIBRAN PUBLISHERS

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

پنهنجي سموري سِرت ۽ ساڃاھ

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ

جهه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ

ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ

ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و ه ۽ ي

پنهنجيءَ جيجيءَ ٻوليءَ جي ناليءَ،

جنهن اظهار جو اجهل وسيلو ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سٺاءُ


گھنگھر گھاريان ڏينھڙا — 5

چوُسٽا — 9

ٽہ سٽا — 121

بيت — 135



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڳھنگھر ڳھاريان ڏينھڙا

## (ڪجھ منھنجي پاران)

ڪلجڳ ۾ نہ ڏکن جو ڇيھہ آ ۽ نہ ئي سکن جي آس مان ماڻھو نااُميد ٿو رھي. زندگي ھميشہ عمر سان گڏ عمر جي حاصلاتن ۾ بہ زوال پذير رھي آھي، بظاھر ننڍيون ننڍيون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ڪنھن وڏي زوال جون اڳيون رھيون آھن، ننڍڙو مثال ئي وٺجي تہ صدين جي تجربن جو ھَڙُ حاصل ايٽم، الائي ڪيترين نسلن جي تباھيءَ جو ڪارڻ ٿي سگھي ٿو، اسين ايٽم بم ٺاھي ايٽم جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڪيس محفوظ رکڻ لاءِ ڪيڏا ڪوشان آھيون، اُن ايٽمي ھٿيارن جي نالي تي عراق جي ڳھڻيءَ ڳھڻيءَ کي رت سان رنگيو ويو آھي، ھتي ايران جي نيست و نابود ڪرڻ جون تياريون ٿي رھيون آھن ۽ ھتي پاڪستان پنھنجي وٿاڻ ۾ ڪنبي رھيو آھي تہ ”ڪوريا ٻڻ دھشت جي نشاني تي رکيل آھي.

ھاڻي ٻڌايو تہ اھا ايٽم جي حاصلات، جا وقتي طور نعري بازيءَ جو ڀارڻ تہ ٿي ڪروڙن ماڻھن جي ھنبوشين ھٽڻ جو سبب تہ ضرور ٿي پر اڄ وقت جي وير سان گڏ ساڳيو ئي ايٽم عراق جي تباھيءَ جيان ڪنھن بہ خطي جو تختُ تاراجُ ڪري سگھي ٿو، آباديون، ويران ڪري سگھي ٿو ۽ اھا حاصلات اڳتي لاءِ اسانجي آڪيري مٿان يا ڪائنات جي ڪنھن بہ ڪُنڊ لاءِ تباھڪارين جو ٻگل ٻڌجي سگھي ٿي تہ پوءِ اُن حاصلات جا ڏٺي اھو چو نٿا ويچارن تہ اھو حاصل تہ صرف سندن لاءِ اقتدار جي اينگھہ پر قومن لاءِ بہ عروج ھٿيو يا زوال.

تڏھن منھنجيءَ اکيءَ موجب تہ انسان جو عروج رھيو ئي

ناهي صرف زوال ئي زوال سندس مقدر ۾ آهي ۽ دور جو انسان ته عروج کي لڪائي مٿس پهرائي لڳائي لڳائي ٿڪو آهي ته ڪٿي سندس حاصلات سندس زوال جو ڪارڻ نه بڻجي.

دنيا جا فاتح اعظم به عروجن ۽ اقتدارن جا طويل اوج پاڻ سان ڪنيو به وڏ ۾ وڏ مٽيءَ مُٺ يا خاڪ جي چپٽي بڻجي سگهيا. اڄ جو انسان حِرص ۽ هَوَس جي انڌ ۾ انڌو ٿي هر طرح يعني بُري يا ڀلي جي تميز ڇڏي جڏهن دولت ۽ صرف دولت جي هَڙ حاصل پُٺيان پئي ٿو ۽ سَوَنَ مان هزار، هزار مان لک ۽ لکن مان ڪروڙ پوءِ عرب، کرب حاصل ڪري ٿو ته پوءِ وٽس دولت جا ڍگ سندس جان ليوا ٿي ٿا پون. ڪيس شُگر، بلڊ پريشر، ڏينهن رات جي لِڪ ڇپ، سندس حواسن ۽ اخلاقي قدرن جي پوري پائيمالي ڪيس نصيب ٿئي ٿي. اهي ڪرب لڪائي لڪائي ٿڪجي ٿو ته به لڪي نٿا سگهن. ايران جي شهنشاهه، فرعون جي خزاني، فلپائن جي مارڪوس، رومانيه جي چائوسِسڪو ۽ جنرل پنوشيءَ جيان سندس مُوڙي، سندس هوس جي لاحد، ڪين ذلالتن جي آخري پستين تائين پهچائي ٿي.

منهنجو هيءُ قطعن جوڳتڪو جنهن لاءِ گهٽي وقت ڪان سوچيم پئي ته نيٺ جي آخر ۾ آيل يا اُن ڪان بعد جا ڪيترا چوُستا جيڪي غزلن، گيتن، واين ڪي لکندي لکندي وچهه ڪن اهم واقعن، دل ڏاريندڙ، دل ڪي ڇهندڙ ۽ ايئن ڪٿي چئجي ته وڏن، ننڍن المين، حادثن ڪي ڪنهن ڊگهي غزل يا نظم بجاءِ چئن سٽن ۾ به اظهاري وٺندو آهيان ته ايئن ڪندي ڊائريون ڪولي ڏٺم ته ڪافي چوُستا گڏ ٿي ويا اٿم، سو غزلن،گيتن جي شاعريءَ ڪان اڳ ۾ جيڪو پڻ ڪافي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهن کان منهنجي هٿ ۾ آهي، هي قطعن جو ڪتاب سَرمجي ويو آهي. بهرحال خواهش هڪڙي ۽ ٿئي ڪجهه پيو اهو ئي شاعريءَ جو وهڪرو سڏبو آهي جو شاعرن جي عين خواهش موجب ڪڏهن ناهي رهيو. چاهبو ڪجهه آهي ۽ اندرُ اظهاريندو ڪجهه پيو آهي ۽ پوءِ شاعر کي اُن اندر جي چوٽ تي ئي هلڻو پوندو آهي.

ڪوڙ ساٺرن نون قطعن سان گڏ هن مجموعي ۾ ڪجهه حصو انهن قطعن جو به شامل آهي جي عوامي آواز لاءِ ڪي سال اڳ روزانو لکندو رهيو هيس ۽ اُن ۾ ڪيترائي واقعاتي قطعا جي روز جي خبرن کان متاثر ٿي لکندو هوس سي به شامل ڪيا اٿم. ڇاڪاڻ ته تہ اهي ڏهه پندرهن سال اڳ جا خاص واقعا هيئنر هن تيز رفتار دنيا جي ليکي ۾ ڪافي پراڻا ٿي چڪا آهن پر تِن واقعن تي اظهاريل تاثر، چوسٽن جي شڪل ۾ هي احساسَ، منهنجو ڪامل يقين آهي، تہ پراڻا ناهن ٿيڻا، انهن وارتائن جو اڄ تہ ڇا پر اڄ کان صدين بعد به ردِ عمل ڪنهن شاعر يا اديب جي قلم واريءَ نوڪ مان انهن کي ٻوليءَ جي نهج سان ايئن ئي ٿيڻو آهي پوءِ پلي هر ليکڪ جو اندازِ بيان پنهنجو پنهنجو هجي اُن ڪري ڪجهه واقعاتي چوسٽا به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا اٿم. مثال طور ڪجهه قطعا جي هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

جيئن: وارهه جي صوبيدار سان سندس علائقي جي ڪوڪڙين جي ميل واري موڪل نہ ڏيڻ تان جهيڙو ۽ صوبيدار کي ڪوڪڙن مار ڏئي ڇڏي اخبار ۾ آيو ۽ مان لکيو.

ڪيترو روڪيو هو مان ، سنگتي تڪڙ نہ ڪندو ڪر

مثال نمبر ٢- چوڏهين آگسٽ جو ڏينهن آيو، ماڻهن جهنڊا پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گُمنامين جي يَو ڪان اظهار جي تمنا
دردن جا ڳانا ٿا هي راڄن اڳيان پئي ڳائي
منهنجي همعصر ڪوئيءَ کي، منهنجن پڙنڊڙن کي چئجو
تَبَسُم جي تُڪ بندي تي ڪو متان لِوُن لڳائي

ع-غ- تبسم

لوُن = ڪِکَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرنهن پيلا گل، گنجَ* پکڙيل گلابي،
غزاليّ# اکيون چنبڊ چهرا ڪتابي،
هو آيون* هي ٻارا هو تارا هي ساگر،
آ سڀ سونهن تنهنجي، جتي ٻي ۽ جا ٻي.

☆

لوڪ جا سينا جڏهن آئينا ٿين ٿا پرين
بغض ۽ ڪينا بدلجي نگينا• ٿين ٿا پرين
تڏهن حيات جا تَبَسُم باقي بچيل سجدا
رڳ سجدي ئي سمجهجهن ادا ٿين ٿا پرين

* ڍير ، انبار
# هرڻ جهڙيون
* ان ڪيرا سنگ
• ٽِڪ يا ٻڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آتش فشانين کي ڇنڪارُ ڇا ڪندو
سِگرين وارن سيڪن کي ٽڪار ڇا ڪندو
ماڻهو ڇا منهن ڏئي سگهندو سونامين* جي سَٽَ کي
قسمت جي زلزلن کي ريدار# ڇا ڪندو

☆

بي خواب رات، خواب جي خواهش ۾ وئي هلي
اوجاڳي جي پيي هي نه ڪا لذت ملي سگهي
شب جون نه ڪوڙ رنگينيون هون منتظر مگر
دل هئي جا تنهنجي ياد ڪان غافل نه ٿي سگهي

* انڊونيشيا، سري لنڪا ۽ هندستان ۾ آيل تازو زلزلو.
# اهو اوزار جيڪو طوفان يا حادثن جي اڳ ۾ خبر ڏيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جي هر سونهن ۽ ساڃاهَ تي لکندا هلو
گاج، نئن، درياهه جي گجگاهه تي لکندا هلو
ساڏيلي ، سيوهڻ جي ماڳن مڪانن ڪانسواءِ
ڀوڏيسر، مياڻيءَ معصوم شاهه تي لکندا هلو

☆

ٻي انت خواهشون ڪنيون مان سوچيندو رهيس
دنيا جي آڏو پاڻ کي ڪُهرجائو ڪيئن ڪيان
واهڙ جي وِتُ اندر سچو درياهه هو موجزن
ٻُڌَ تر ۾ هُس ته ٻوڏ کي لانگهائو ڪيئن ڪيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان خواب پنهنجا سجايا ته موسم
ڪنيون پاڻ سان گڏ خزائن ڪي پهتي
ڪنهن نئين منڊ جي اوسيئڙن ۾ هئاسين
ته آنڌي اچي در ديوارن ڪي پهتي

☆

دانشور، مفڪر ۽ شاعر زمين جا
نِنڊا يا وڏا مون لئه سڀ محترم هن
انهن سان نه گڏ مون ڪي توريو پُڙن ۾
خزان جي سامهون ڇا ڪاسي جا ڪم هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خزائن ۾ گهمون ٿا پيا سجائي خواب چيٽن جا،
ڪيرئي منجهه قول قوليون ٿا ته اُن ۾ ڏوهه ڪنهنجو آ،
وسي پئي زور سان ٻاهر ڪڏهن ڪان خون جي بارش،
جي ڪڙڪي پوءِ به ڪوليون ٿا ته اُن ۾ ڏوهه ڪنهنجو آ.

☆

هيءَ زندگي هميشه جا ڪتيءَ جي ڪُنبي* ۾ رهي،
ڪنهن گرڙ پکيءَ جي چنبن ته بعفي چهنب ۾ رهي،
هيءَ سنڌ جي ديواني دل سنڌين جي مجموعن پٺيان،
واشنگٽن• ، هيوسٽن★ ، ٺٽي، مٺيءَ يا ڪُنبَ# ۾ رهي.

---

*ڪتيءَ جو ڪپڙن ٺهڪائڻ وارو ڪن • آمريڪا جو شهر
★ آمريڪا جو شهر # ڪوهنڊ بجي تعلقي جو شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ ۾ ئي سوچ جي مان آهيان پل صراط تي
ويتر او درد تون اهو اوتر* ڪنيون نه آءُ
مرهم جي ڪاڻ تو اچين ته آءُ آڪين تي
پر ڦاڻ سان نئون ڪوئي نشتر ڪنيون نه آءُ

☆

سونهن، ساوڪ جو مزو ونجي ته پر
وحشتون مَنَ جو ڦِتائن تيون مزو
ڪوئلين ڪي چئو نه ڪوڪن ايترو
ڪُمهليون# ڪَنَ جو ڦتائن تيون مزو

---

* طوفان

# بي وقتائتيون، بنا وقت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن آيو آهي آجيان تو گهري
شوقَ شوخيون سڀ اڳي جان تو گهري
چلولائين رات جي ڪَنَ ۾ چيو
هاءِ پيريءَ ۾ ڇا سامان تو گهري

☆

اُڏامون اجان يي چون تيون اُڏامو
مگر هي هوائون جهلن تيون ته هوريان
مونکي شوقِ منزل ۽ طوفان کي مستي
ٻئي زور ڏيون تا تون ڏسجانءِ زمانا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بعضي ڀن چڻ جي موسم ۾ سڪل وڻ جي پنن وانگر
بعضي برکا جي رم جهم ۾ مڌر ڪومل سُرن وانگر
عجب ڪيفيت آ مَنَ دل جي،گهڙيءَ ماسو گهڙيءَ تولو
ڪڏهن مانداڻ* من منهنجو ڪڏهن خاموش بن# وانگر

☆

او جيءَ جنم جا اُجيارا بنواس★ ڦري چا ڦولهين تو
اندرم ڪنهنجا اتساڪنيون کهڙي رمتي⊞ لئہ دل رولين تو
توڙي جو مرگهہ ترشنا• ۾ ڊوڙيندي عمر ڪٽيئہ پنهنجي
او شوق پوءِ ٻي شاباس هجئي چولين ۾ اجان چاچولين تو

---

* لوڇ ۾ ، اٿل تڙ   # جنگل   ★ دنيا کي ترڪ ڪرڻ
⊞ جوڳي ، واٽهڙو   • رُڃ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آک لُڇي ڀنبٽيءَ ڦڇيو ڇو ڇا سبب
هوءَ ڪڇي ڇنڊي هٽڻ جون ڪوششون
تانگهہ# ٿهڪي ڇيو تہ ڀاڳل ڀئي ڪري
لوهہ ۾ ڪنڊي هٽڻ جون ڪوششون

☆

مان لڇڻ وارو مزو توکي ڇو ڏيان
تانڻ* تڙپڻ جو نشو توکي ڇو ڏيان
تو ورهائي تانگهہ تَبَسُمَ کي ڏني
مَنَ! اهو ڀنهنجو حصو توکي ڇو ڏيان

---

# سِڪ ، ڇِڪ ، تڙپ      * سِڪ ، قرب ، ڇِڪ



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

ضروري ناهي ته کو سال مهينا سوچي
کنهن سنگتراش جي تيشي جو تاءُ ڪافي آ
جنهن شاهڪار لاءِ طي آ ته سرجڻو آهي
انهيءَ تخليق لئه هٿ جو ڇهاءُ ڪافي آ

☆

رات اونداهين ۾ کو پٽڪيو پئي
چاڻ ڪائي جوت تمڪي جوءِ ۾
آس وندي کي اها کهڙي خبر
باک دوکو آ صبوح جي روءِ* ۾

---

* چهرو ، صورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڇين ھا تہ اُڏما اُلا تي پون ھا
اُکين ھا تہ ڳوڙھا ڳڙا تي پون ھا
جي ويھي ستي ھا غزل گيت منھنجا
تہ سڀ لفظ چنگ ۽ چڙا تي پون ھا

☆

مان ھٿن جون ريکائون ڀيني ڏنم
ھن پڇيو ڇو ڇا تو جاچيندو وٺين
ڪيس ڇيم توکي ٻڌي وڙيم جانِ جان
ڇپائين ڇو مُٺ ۾ ھوائون تو جھلين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سور ڏئي مون کان پُڇيئہ، سهڪان نٿو
باھ تي چاڙهي ڇيئہ، ڀڙڪان نٿو
ڇيرا ٿو ڇرڪان، مگر مان ڇا ڪريان
محترم# آهي پرم، پڙڪان نٿو

☆

مان هوا کي چيو تہ تون گھُلندي نہ ڪر
موتئيِ، مگري* جي خوشبوءِ کان سواءِ
هن چيو آکين تي پر، تون پي ڪڏهن
شاعري پڙهندين نہ سمجهوُ کان سواءِ

---

# پيارو ، عزيز        * گل جو قسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ رات ڪنهن وڇير جي ڪنڌ جو ٻڌل ڇڙو
برسات جي ٽم ٽم ۾ گهڙامنجهيءَ* رڪيل گهڙو
ڪمري مان نڪري تن جي ٻه ٻڌ راڳڻي ڪڍهن
اي شخص پنهنجي خول ۾ بند تو رهين ڇڙو

☆

تو پڇيو مون ها ڇيو پر ڪيئن ڇيو
دل منهنجيءَ تي هٿ رکي ڏسجانءِ ضرور
ويندي ويندي الوداعي گيت ڪي
جانِ جانان تون مگر ٻڌجانءِ ضرور

* ڪاٺ جي هوڙي دلا رکڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوستيون مَنَ روشنيون چاهن پيون
چاهتون پيي چاشنون چاهن پيون
سڀ اکين تي ڀر ڳيو ۽ ڳُڙَ ذري
پيٽ جون پاسيريون چاهن پيون

☆

وفائون جوت ۾ ٻڏجن ۽ چارا نيڻ ڪَجَن
سچائيون اَوڙَ ۾ وِڄهجِهن ۽ ٻارا نيڻ ڪَجَن
يارين جا ٻُنگ* جڏهن، لَسَ تي ٻنين ۾ ٻهِڪن
ساوليون تنهن سمي تڪجن، نظارا نيڻ ڪجن

* ٻور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنها پُڪس مان تو وٽ، موتيس هجوم سان
دل جا غُبارَ، لڙڪ ۽ سڏڪا بہ ساڻُ ها
لُڙڪن واري لڙات ۽ سُڏڪن جي شور ۾
تنھنجين بي رُخين جا بيحد پڙڪا بہ ساڻُ ها

☆

سِڪ جي سوداگريءَ ۾ لُتجي وڃڻ ڪان پوءِ
گنج گُل مان دل جي مُڪڙي ٽِنجي پوڻ ڪان پوءِ
اُجڙڻ جو روح پرور منظر تہ ڏس اچي
آءُ ڏس تہ آشيانو وڃ جي ڪِرڻ ڪان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن ساز سُر سواد جو سئونچو* ٻه سڻ ڪڏهن
هر وقت هر ڪتاب ۾ مرثيا نه ڳولهه تون
ممڪن آ هُو هجوم ڪا سرڪس يا ڇچ هجي
هر ميڙ گوڙ ۾ رڳو مرتيا# نه ڳولهه تون

☆

سانجهيءَ سمي سرجن ٿا پيا سپنا اکين ۾
اُپ ڪان ڪيڏا اُڏري پهتا سپنا اکين ۾
ياد نگر جا آڏا ترچا عڪس هئا جن ڪي
جيئن جيئن مهنيو تيئن ڦٽي پيا سپنا اکين ۾،

---

* اُدڪو، ڪڙڪو

# موت، فوتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چانڊوڪي ساگر کي ڇيڙيندي رهي
لهر لهر لمحن کي ميڙيندي رهي
سوجهرن سپنن کي جاڳائي ڇيو
ساروٽيون ويڙهيو سحر ويندي رهي

☆

ستارن ۾ گم ٿي ويون ڪنهن جون راهون
۽ ڪو منتظر کولي پنهنجيون ٻئي ٻانهون
چوي ٿو ستارن، ڪتين، ڪهڪشان کي
جلان پيو جيئان پيو اوهان لاءِ آئون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏرتيءَ کي چانورو چوندو نه ڪر
لَٺ، لوهيڙي کي سرو چوندو نه ڪر
سيڻن کي چٻو نه آ سهڻو چريا
ڏڳ ويندن کي دل گهُريو چوندو نه ڪر

☆

سيارا، سانجهيون، چيٽ ڪتيون ۽ چانڊوڪيون
ٻارا، تارا، سهڻا، ها پر چاهڻ سان
سونهن سوغاتون ميلا مستيون ڪچڪاريون*
ماٺا بيشڪ ناٺا، ها پر ماٺڻ سان

* ڪِل ، خوشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُن پڇيو ڪيترو پڙهيل آهين
ڪيس ڊگري هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيم
هن پڇيو ڪيترو ڪڙهيل آهين
ڪيس سِگري هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيم

☆

منهنجيون سوچون ۽ لوچون سڄيءَ عمر جون
تنهنجن نيڻن جي آڳر ۾ ترسي پيون
مون کان ماڻهن پڇيو ڪِٿ ڇڏيون تو وتين
مان ورائيو اُتي ئي جِتي جون هيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڇي نہ چاهہ تہ آڙاهہ کهڙي ڪم جو پرين
نہ ٻڄي آهہ اُهو ساهہ کهڙي ڪم جو پرين
اچين تہ آئون ڪئلينڊر ڪتي هٽي بہ ڇڏيان
ورنہ هي سالَ گهڙيون ماهہ کهڙي ڪم جو پرين

☆

حجابي اکين ۾ گلابن جون ڳليون
اناري ڳلن ۾ عنابن جون ڳليون
فضائن ۾ موتئي ۽ ميندئ جي خوشبو
اسان، سانجهہ، سپرين، ستارن جون ڳليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راتيون اوجاڳا آکيون هڪ سلسلو
خواب ڪجهه خاڪا صديون هڪ سلسلو
مان يا مون ڪان پوءِ جو شاعر ڪوئي
سرجنديون رهنديون ستون هڪ سلسلو

☆

زندگيءَ جا مرحلا ڪيڏا وڏا پر مختصر
سوچ وارا سلسلا ڪيڏا وڏا پر مختصر
خواهشون هڪڙيون ڪُٺن پيون ڪَرَ ڪٺن
همتون ۽ حوصلا ڪيڏا وڏا پر مختصر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن جهومايو چيم هيرون ڏسو
تانگهه تڙپايو چيم جهيرون ڏسو
عشق جي بي نيازين پٽڪي چيو
منهنجيون ڪجهه اڳتي به تصويرون ڏسو

☆

منهنجن نيڻن تي پير رکندو آءُ
مرڪندو مهڪندو تون مچندو آءُ
چو لِکو آهين ڪهڪشائن ۾
آءُ پرين هوريان هوريان لهندو آءُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوهان خوشبوئن کي جهليو هو تڏهن ٻي
اسان کي اوهان جو ڏئي ڏسُ ڇڏيائون
اوجانان ڪڏهن ڪوئي روڪي سگهيو آ
ٻلا ڇيتَ ٻارن، گلن جون هوائون

☆

هُن وارو هر لفظ مونکي درد جو نوحو لڳو
هو مسافر ٻاهران ڪجهه اندران ڪجهه ٻيو لڳو
گڏجندي، ڪلندي هو پنهنجا لُڙڪ ٻي اُگهندو رهيو
خاڪ جي هيٺان دٻيل ڄڻ چرڪندڙ ٽانڊو لڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن آيو آهي آجيان تو گهري
شب به ڪف* مستي بدامان# تو گهري
ولولا، وارفتگيون★ ۽ خلوتون•
هاءِ پيريءَ ۾ ڇا سامان تو گهري

☆

آس هئي آڙاهه تي مچندي رهي
تانگهه تَبَسُمَ تاڻ تي تپندي رهي
سارَ ڪي ڇُپڪو تي پانيم سرت جو
پر سڙي ساري عمر ڇُپندي رهي

* هٿ جي تري
# دامن ۾
★ پاڻ سونپڻ
• اڪيلائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياڻو آهين يار ساري لوڪ کان
درد تي هر جاءِ دانهين ٿو پيو
هڪ پاسي محبت جا ماڻين ٿو مزا
ٻئي طرف لوڪئون لڪائين ٿو پيو

☆

اکيون عيد جي چنڊ، چاڻنث ۾ هونديون
هڪ آڪاش تي ۽ پيو اُگر ۾ ڪڙندو
اسان ڀڪي ٻنهن جي آجيان ڪنداسون
ڪو ديدن ۾ ۽ ڪوئي پانهن ۾ هوندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ عڪس جن ڪي نڪ جي ڦليءَ تي چٽڻ گهريم

سي وقت جي غبار ۾ گردش ۾ گم ٿيا

اڪ جي ڦلي ترئِ تي رکي سوچيندو رهيس

ڇا ڇا نہ حادثا هتي ماڻهوءَ سان ٿين پيا

☆

زخم ها، گهاوَ ها، هزار هئا

هر گهڙيءَ نيڻ اشڪبار هئا

توکي پوءِ بہ يي دعائون ڏي تَبَسُم

توڙي ڪيس درد بيشمار هئا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون آيو تہ آهين تنهنجي مهرباني
مُنجهيو آهيان ڇا ڏيانءِ تحفي ۾ جاني
رکيل ڪو رومال ۽ نہ تحفو آ مون وٽ
هان ٿئي دل ڪنيون وڃ هجئي مرُ نشاني

☆

وقتَ مرهم ڪان گهاءَ رهجي ويا
ڪي ڦريا ڪي اُلاءَ رهجي ويا
لمحا لمحا حياتي وئي گذري
شوق ويا پر شعاع رهجي ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مس، قلم کاڳر پري لکندو رهيو
راتيون اوجاڳا ڪري لکندو رهيو
ننڊ هن کي روز جهٽڪيندي رهي
ڪجهه نه سوچيو پر چريي، لکندو رهيو

☆

زهر زم زم ، ڪڏهن به تيو ناهي
مرچَ مرهم ، ڪڏهن به تيو ناهي
ڏنگ ڏنگ آ، وڇون يا نانگ هٽي
چاڪُ چيونگم، ڪڏهن به تيو ناهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنون جوش جذبا جوالا ڪنداسين
ٻوٽيون ماس ٻاري مشعالا ڪنداسين
رڳو ڀڪ ڀرين ڏي تون پنهنجي اچڻ جي
اسان تي ڇڏي ڏي ته ڇا ڇا ڪنداسين

☆

دڳ، ديدون واسيندو تو اچي عطر، عرق سان
همراه آهي مشڪ ۽ موتئي جي مهڪ سان
حيرت زده نه ٿيو نه ٻٽي دوڏا نهاريو
مونڏي تو ڪاهيندو اچي محبوب ڪَتَڪَ* سان

* حملو ڪرڻ ، چڙهڻ

ڀيتائن جي خِفَتِ دوران، ماڻهو بي رياءُ ٿي سوچي
تڪن ڪندن جون ڇهنبون ٿي، گلابن جو پرم ٿين ٿيون
وڇوڙن ڪي اوساريندي، جفائون بنه نه نِندِجن
جفائون ٿي ته هِن جيڪي، سچائين جو پرم ٿين ٿيون

☆

جذهن جنون هو محبت جو قوت جذبا ها
تو وٽ پڄڻ جا ڪشالا نه پنڌ ڪچا ها
مان تنهنجي سوچ تنهنجي ساه جي خوشبوءِ ۾ مگن
هي ڏکيا رستا ويڙهجي وڪون ٿي پوندا ها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چانڊوڪيءَ ڏانهن صدين کان اُڏندڙ پکي
جُڳَ تڪيا، تنهنجي نه پر ساهي تکي
پشمي پرڙن سان نرم نازڪ مزاجَ!
عاشقيءَ ڪيڏي نه تو ۾ سَگهَه رکي

☆

غمن خوشين جي رنگ سان رَتل عجيب زندگي
اڊنگي بعضي ڍَنگ سان مَتل عجيب زندگي
جياپي کي پِنِي ڪڏهن سڏي حسين حيات کي
طرح طرح تَرَنگ سان تَتل عجيب زندگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوتڙي سان پگهر کي اگهندي لڳو پٽڪڻ مزور
جائي مزو آ، جي ڪوئي جوٽي ٿو زندگي
صافي کي پياڪ چئنين ڪندن ڪان جهلي چيو
واهه جو نشو آ، جي ڪوئي گهوٽي ٿو زندگي

☆

غمِ حيات کي چئجو نه ڏي صدائون وري
دشت مس پار ڪري يار هت پڳا آهيون
او همسفرا توکي اڳتي سفر مُباح هجي
اسان کي حوصلو چئي پيو اسان ٿڪا آهيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شورش زده هئي موج ۾ برهم* هو ڪنارو

ترِ ڪان ڳُتي تباهي ڪو نقصان اَوس هو

صد شڪر تنهنجا ڳوڙها جذب ريت ڪري وئي

جي سمنڊ سان رلجن ها طوفان اَوس★ هو

☆

عجب هيل موسم آ تنهنجي شهر جي

نه بزمِ چراغان نه رسمِ ضيائي#

چيم دل کي اهڙيءَ نه محفل ۾ هل تون

مگر پوءِ به کِهلي وئي تو ڏي آئي

---

* خفا ★ يقيناً ، خاطري # روشني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيل هيڏا جو گل قل ٽڙيا هن وٽي
تون اچين ته پڇان توکان ڪٿ مان رکان
تنهنجين يادن سان دل، من ۾ دامن سڄو
مان ته سپرين اڳيئي پريون ٿو وتان

☆

مونکي ايئن ٿي لڳو رات چاندوڪين
تنهنجي چوڻيءَ چڳن ۾ ٽپيون ٿي هنيون
مان لڇيس پئي ته ڪو گيت وائي لکان
پر ستون تنهنجن وارن ۾ وچڙيون رهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امرُ ٽيو آهي تہ مان رقص ڪريان موسم جو
ڪوليو زنجير تہ مان پنهنجا ھئي پير ڪٽان
ھا مگر لاش، لھو، لڙڪ سيئي ميڙايو،
رقصِ آزادي ڪندي جھومندي رندجي نہ پوان

☆

ڪيتريون پيرن جي زد ۾ ڪِليون
ڪنوٽين جي مار ۾ سايون وليون
پرماريت جو هڪڙو رُخ ناهي رفيقَ!
پرمارين جون ڪوڙ ساريون شڪليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چو وکامبي تي رهي سونهن هن بزارن ۾
هر نئينءَ رات جو کوٽن تي پيلجي چو تي
بنتِ مريم جي ڪُکن منجهه پلجندڙ اُمت
پنهنجي ولديت جي سوالن تي سهمجي چو تي

☆

منهنجي ماس هڏ چم کي ميوزيم ۾ رکجو
آرين وٽ اڻ آرين جو آثار آهيان
جا سڏکي رهي آ، سنڌوءَ جي ڪناري
تنهن اُجڙيل سپيتا* جو سنسار آهيان

---

* تهذيب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان تنگدستين* هوندي تُنهنجيون يادون

سدائين سيني منجهه سانديِ رکيوسين

فراقن ۽ فاقن جي طوفان ۾ ٻيِ

هي جوتون# او جانان جلائي رکيوسين

☆

جيون جوڻ جوت جهوراٽا جهومي پيا

او من آس اکنڊ★ اولاٽا★ جهومي پيا

اَربيلين اکڙين سان هڪڙو مان نه رکو

جيکي جت ها چريا، سياڻا جهومي پيا

* تکليف ، غربت

# روشني

★ محبت

★ اوسارو ، لولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن رستن ۾ مان رهجي وڃان
ڪوئي نوحو مرثيو پڙهجانءِ تون
پر جي تو وٽ فرض ڪر پهچي پوان
ڇيڇ مان ڪو نئون قطعو پڙهجانءِ تون

☆

بعضي نشتر مون لئه بعضي مرهم بڻيا
بعضي عاشورا ۽ بعضي سرگم بڻيا
ڪيڏي تنهنجن ويڇوڙن ۾ ڪيمياگري*
مون لئه هر حال ۾ اسمِ اعظم# بڻيا

* سون ٺاهڻ جو هنر
# جادوءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ قرآني آيتن جو جوڙيل اسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوهان جي ڪنن تي نہ ڏڪو پيو ڪو
اُيامي جيتوڻيڪ سهڪي پياسين
اوهان ري رڳو روڄ راڙو هو دل ۾
اوهان ري اسان جڻ اڌورا هئاسين

☆

هر غم، غمِ جانان جي تصوير تي هئي
سڪ جو وڏي سرير ۾ تہ نير تي هئي
جهوراٽين ۾ جند چراٽيون ڀري مگر
جا دل مُنجهان اُٿي سا آلا، هير تي هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي سڀ کو سوين ۾ نه چاهي تو مگر

خواهشن آذر ڪٿي تو صبوح جو تارو چڙهي

سِرَ مٿان آڪاش ساڳيو هيٺان پيي ساڳي زمين

ِهر ساڳيو ئي سِج نه ڄاڻان چو ٻه ٻاڇا تو چڙهي

☆

ڀراٽا،★ پروڪا، ڄيون، ڄور، ڄرڪا

سڄي سال جا منٽ سيڪنڊ ڳورا

گذارڻ لئه گذري نه ويو ورهه ليڪن

سڄي ورهه جا پل ٿيا پِنِڪن ۾ پورا

---

★ 1996ع سال جي پوري ٿيڻ واري ۽ 1997ع جنوريءَ جي پهرين صبح تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو سٽايم سو اوهان کنهن ٻئي ڪان ٻيي قصو ڇڇو
دنيا تَبَسُمَ جي لڇڻ وارو تماشو ٻئي ڏٺو
سامَ جا ساري اوهان سونپي هئي مَنَ سَارَ جي
تنهن صفا نس نس وڍي پيرا ڪري مون کي ڪٺو

☆

اوهان جو نانءُ جڏهن ءِ جتي جتي به ٻڌو
مون مان منهنجو روح مون کان اڳم ڪَرَڪٽي ٻئي اُٿيو
ڪيئن يادون ٻئي پليون، ڪيئن ٻئي ضبط ڪيم ڳوڙها
بي چينين جو تماشو ڪڏهن ڏسڻ نه اچو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏيون آڙاٽا نظرون ڪيڏو ڏڪيل وجود
ڪوريل، ڪپيل، ڪوماٽيل، وڪريل، وڍيل وجود
رڳ رڳ، اُلا ۽ تنهنجي لونءُ لونءُ اماڙيون
ڪنهن ڪاڻ تنهنجو ڪامڻي* پڙڪي ٻڪيل وجود

☆

هي ڪونيٽ# اکين جا روهيڙن جي رت ۾
ڪٽي ڪوڙ ڦهتا نياپا خزان جا
تڙن جون تنوارون پيو پاسڻ لڳيون هن
ته آيا ڪِي آيا، وڇوڙا اسان جا

* سهڻي عورت
# ٽر ۾ هڪ قسم جو وڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڪا تي چوٽي نه ڪندو ڪر چريا
واءُ تي وڪري نه پوندو ڪر چريا
او ڀريا آڪين ڪي جهل آرا نه ڪن
جي نٽو سمجهين، نه روئندو ڪر چريا

☆

سونهن جيڏو ساڪا ڪي سونپيو نشو
عشق اوڏو آس ڪي اڙهيو نشو
تونس چيو تَبَسُمَ ڙي هاٺي بس ٻه ڪر
تانگهه تڙپي چيو ته نه، آٿيو نشو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويساڙا جو ڇيهون ٽيئه پورو ٿيا ڪيئه تون ڇئه ٻلا

اُتساڙا جو اڱڙيون ٽيئه پورو ٿيا ڪيئه تون ڇئه ٻلا

پر ڇو رڳو ويساهه ۽ اُتساهه لئه روئين پيو

هو چاڙا جو ڇيهون ٽيئه پورو ٿيا ڪيئه تون ڇئه ٻلا

☆

ماڻهو پنهنجيون وارتائون خود ڪنيون گهمندو وتي

اڻ مڪمل خواهشن جا لاش کِڻِيندو وتي

روز منزل جي ڪٽي هڪ آس تو نڪري گهران

روز واٽن جي مُنين ۾ خاڪ ميڙيندو وتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا لاشن ۽ لڙڪن جي موسم ۾ ڀهتي
انهيءَ عيد کي چَنڊُ پيلا ڪيئن ملهايان
تون چَئين تو ته مرڪي ڀوان تو مگر مَنَ!
جي؟ از خود اڇن سي ڪٽان ٿهڪ آٿيان

☆

عيد تي ڪيڏارو* تو بيٺو ڪرين
يا وڃائين تو ڏياريءَ تي ڏهر
جي نتو ڇاڻين مهل جي راڳڻي
ڇو او مڱڻا ڇو ڪلائين تو شهر

---

* شاهه جو سُر، جنگ، قتل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساقي آيو ته جهڪايو مون ڪنڌ ڪي تَبَسُمَ
پلا شعلن جي تپش ڪير ٿو برداشت ڪري
هڪڙو انداز ڏسڻ جو وري پيمانو بدست
ايڏو آڙاڻو ڪوئي ڪيئن سَرِ دست ڪري

☆

ڪالهه مئخاني ۾ عجب حرڪتون زاهد پئي ڪيون
ڪيس تَبَسُمَ ته ڏسي، ۾ ٻه ويون ڇهه ٻه ويون
چا ڪيائين جو ڪٽي جام ڪڍيائين تسبيح
سامهون ساقيءَ کي ڏسي هن پئي صلواتون پڙهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر نظر سان ملائي نظر جهڪائي ڇڏيئه

عجب طرح سان چتائي نظر جهڪائي ڇڏيئه

اکين اکين ۾ تَبَسُمَ جو سهڻا سپرين

سڄو وجود ڏڏائي نظر جهڪائي ڇڏيئه

☆

رات تَبَسُمَ چنڊ هو چانڊوڪي هئي ۽ مان هيس

پُورَ ها، نَاسُورَ ها، تنهائي هئي ۽ مان هيس

مان رُلائيندو رهيس جنهن ڪي دفن جي واسطي

سا منهنجي، منهنجي ڪُلهي تي زندگي هئي مان هيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو دل جي نگر ۾ نہ اچڻو ۽ ويڻو

الائي ڇو ٿيءِ پيو، ٻنا نيڻ آهن

جي واٽن تي تو لئہ ٻريا ڏات ٻڻجي

اهي ٿئي اصل ۾ منهنجا نيڻ آهن

☆

روز پيو اڙهي عشق اوهان جو اشڪن جي آلاڻ

چاڪ اوهان جو روز چڪائي چشمن جي ڇهراڻ

لُڙڪ لڙهن ۾ ٻاڳل من پيو روز ٻڌي اُٻري

سوچ سودائن ۾ سانولڙا چوليون ۽ چڪتاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احترام واري فطرت ڇا لئه ڇڏي ڏيان مان
تون ڇو نٿو ڇڏي ڏين بي توجهين جي عادت
زندگين جي احرامن ۾ نيڪ نِيّتون عمرا ٿين ٿيون
محروم ڪِٿ ٿا ماڻن حَرِمين* جي سعادت

☆

فطرت وفا شُعار آ فطرت ڪي ڇا ڪجي
ولين ڪان واس، واس ڪان وَلِ ڪيئن جدا ڪجي
اصلي عطر فروشُ ته نا ممڪن آ سوچي
خوشبوءِ جو، گهاٽي جي ڪري، ڏنڊو دفع ڪجي

---

* مڪو ۽ مدينو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوه چولين ۾ اندر گهڙو ته سهي
موج مستين ساڻ ڪجهه وڙهو ته سهي
ڪنڌيءَ تان ڪنجهڪو پڌڻ ناهي روا
لڙ لڙاٽن سان لهي لڙو ته سهي

☆

نير ٻُڪَ ۾ اوهان جهليو ته مڃان
مَڇُ هٿن ۾ ڪٽي ڪلو ته مڃان
جيئن پڇي پڇري ٿهڪ ڏيون ٿا اسان
تيئن توهان يي ڪري ڏسو ته مڃان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بعضي شيشي کي اڳيان ڏسندو رهيس
۽ بعضي ڪُرچي پنيان ڏسندو رهيس
سامهون ڪان سُوڌ تَبَسُمَ پئي لڳس
مَنَ پنيان سهڻو لڳان ڏسندو رهيس

☆

در تي بيٺو هو، دريءَ جي آسري
هڪ چريو، هڪڙيءَ چريءَ جي آسري
ڪلهه به هُن ساڳئي هنڌان اُڇليو هيو
گندُ گهر جو گندڪريءَ جي آسري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنم ڏهاڙي جا موقعا جواب چاهن ٿا
عمر جا سال، مهينا حساب چاهن ٿا
 هي مُنجهيلَ ماڻهو پنهنجي آجپي جي لاءِ توکان
آخري خُطبي جهڙو ڪو خطاب چاهن ٿا

☆

دردن جا ٽبڪا ٽبڪا ستارا ٿي ٽمڪيا
يادن جي پنگهٽن تي چُڙ پُڙ عجيب هئي
خوابن جي قوس و قزح ۾ سوچن جون جهرمِريون
اڄ جي حسين رات ۾ اُٿل ترڻ عجيب هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وفا جون ڳالهيون رڳو لفظ رُڪا ڇا چئجن
مکڻ ماکيءَ جي گرهه ساڻ مَکا ڇا چئجن
منُن لهجن مان نمورين جهڙا الفاظ چٽن
انجيري چپن تي ڇُهتيل ڪي سنکيا ڇا چئجن

☆

اسان جي سوچ ڪي سهڪو لڳو مڃيان تو پيو
ديد ۽ دل ڪي پي دهڪو لڳو مڃيان تو پيو
نه سَچ نه سونهن ڪي پوءِ پيِ. مان لنوايو تَبَسُمَ
جتي جڏهن به ڪو موقعو لڳو مڃيان تو پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهڻ وارن پنڌن ۾، رَتُ جون نيڻديون* وهائي
ترين جي سرخين سان، ڏاڪڙن کي ڏوريو
ٻانئون نه ڳولهبيون ڪنهن وِسرام# جي بهاني
منزل ڏي تاڻيو پنهنجيءَ وِڪَ کي وڌو ڪيو

☆

اُلا ۽ عداوت آ عادت اوهان جي
اسان جي صداقت تڙيون● بَرفين■ جون
اوهان نفرتن جون، تا ٻڙڇيون اولا ريو
اسان وٽ دِفاعي لڙهيون هڏِڪين جون

---

* بدن مان وهندڙ رَتُ جون لا رون # ٿوري دير لاءِ ٽڪ پيڄڻ
● ذريون ■ سنائي جو هڪ وکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيلي جو جانور جي ڪنهن رَمتيءَ★ ڪي چيري ڪائي
اُن جي خارن ۾ سارو نه پيلو ڪپڻ ڪپي
فصلن ڪي مِرون پيلي* ته پُرتڻ● واري سزا
پوکن کيُ ساڙي چو ڏِجي، سُوئر مرڻ ڪپي

☆

آس ۽ انتظار جون اکيون
چيٽ، چنڊ ۽ بهار جون اکيون
نيٺ پَٿَر ٿي ويندِيون جانان
دَرَ، ديوارن ۽ پيار جون اکيون

---

★ ڏِگ ويندڙ * فصل ڪي لتاڙڻ ●ڏندن سان پورڻ يا ڪائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وحشتن ۽ دهشتن کي ڇا ڪجي
دم گهٽيندڙ پُوسٽن کي ڇا ڪجي
سوچي سوچي نيت تڪجي تو پوان
دوستن کي دشمنن کي ڇا ڪجي

☆

ڏوڙيا* ۽ ڏڏڪا ڪري ويا زندگي
ڪالهه کي گيرو ڇڏي ويا زندگي
ان کان اڳ جو زندگي کين مات ڏي
پاڻ ئي پنهنجي ٽُڏي ويا زندگي

* حالتن کان تنگ ٿي خودڪشي ڪندڙ نوجوانن جون خبرون پڙهڻ کانپوءِ جو تاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عشق ماپيو دَرِدَ وارو حوصلو
ياد جاچيو وِرِدَ وارو حوصلو
حُسن! تو ته اڳم يي پرکيو هيو
مجنون ۽ فرهاد وارو حوصلو

☆

گُرِدو نه ياڻ پئي، نئون گُرِدو لڳائجي
ماڻڪي نه آئرجي ته ڪوئي لينس* تاڪجي
سائنس ۾ سڀ جَراحيون ممڪن تيون مگر
دل ۾ پرين جي جاءِ تي پيو ڪيئن ويهارجي

* نظر وڌائڻ لاءِ آپريشن ڪري اک ۾ لڳائڻ وارو شيشو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي قبيلائي رسمن جي وَرِ ويا چڙهي
۽ ڪي مذهب ڪي جنسيت تي قتلام ٿيا
ڪيئن نه ترقيءَ جي رستي ڪي طي پيا ڪريون
پنهنجيءَ پستيءَ جا چرچا سَرِ عام ٿيا

☆

ڪنهن گهر ڪي لڳي آگ ۽ ڪو ڪُتو ويو
ڪو ترڪ، ڪار، بس هيٺان آئي چٿيو ويو
سياست، ڦر، لچالٽ ۽ اغوا جا هاڃا
ٻنائيءَ جي نگريءَ ڪي ڪيئن ڪيئن لٽيو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪراچيءَ جي ڳلين ۾ ماڻهن جا ماري
ڪوهستان، ٿر ۾ پکين جا شڪاري
نالين جي نِشانن تي جيوت نچي پيو
رتل سُنڌ ساري بهاري بهاري

☆

• قول ۽ فعل جو پختو سادو سچار ماڻهو
عبدالمجيد ميمڻ هڪ باوقار ماڻهو
محقق، تاريخدان ۽ اعليٰ اديب سنڌي
راهِ وفا تي رميو مُهندارُ يارُ ماڻهو

---

• سنڌي ٻوليءَ جو نهايت سچو سا هتڪار، محقق جو لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ 11 فيبروريءَ 1996ع تي لاڏاڻو ڪري ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيءُ يونءِ ڀاڳ هاڪ ۽ حرمت شڪار تي
پرمار هتان سنڌ جي ساهت شڪار تي
او ويچ! ڪائي واهَ وسيلو نه ورائج
وارو جو منهنجي سونهن، ثقافت شڪار تي

☆

جو وکامجي تي سونهن بزارن ۾
هر نئين رات نئون سپنو ڪو لهي جو تي
هل نه هوا ڪان تا هلي ٻُچون تَبَسُم
گهُنگهرو پيرن ۾ آخر ٻَڌمَٽي ٻَڌي جو پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ نئون صبوح نئين آس کڻي پهتو آ
آءُ ته هن رات جي سپنن کي الوداع چئون
ٽانڊو ٽمڪي يا ٽانڊاڻو اُڏي واٽ ڏَسي
ٻاٽ ۾ جو به ٻري ڇو نه تنهنکي شعاع چئون

☆

پوپٽ جي پرن تي سا لکيل ته هوندي ناهي
ڪنهن مه جبين* جي منهن تي اُڪريل ته هوندي ناهي
ماحول مان از خود ئي محسوس ڪبي آهي
آزادي هَماليه# تي بيٺل ته هوندي ناهي

---

* چنڊ جهڙي پيشاني
# سڄي دنيا ۾ اوچن جبلن جو سلسلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خدارا نہ ماڻهن جا آدرش ٽوڙيو
نہ ڦهلايو هر سُو فريبن جا ڦندا
اکُٽ خواب هر ڪنهنجي اکين ۾ آهن
نہ ڦوڪيو فضائن ۾ ڪوڪا ۽ ڪنڊا

☆

ڦولار* ۾ گونجن ٿا ڦڙلاءَ ڪوئي آهي؟
ٻڌجن ٿان گُڦائن# ۾ غوغاءَ★ ڪوئي آهي؟
اي لوڪو ٻڌو ٿا يا لنوايو ٿا خلش ڪان
ٿتڪن ٿا ضميرن جا ڦهلاءَ ڪوئي آهي؟

---

* خلا، زمين ۽ آسمان جو وچ وارو حصو

# اونداهيون ، غارون ، چرون ★ هُل ، گوڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ٻُڌو هُوڪرا پڙاڏن جا
ڪوئي آهي پريان پڪاري تو
ڇا سڄو شهر ڪَڪَ# سنگهيو آهي
يا سڄو شهر ڪيس تاري تو

☆

ڏيو نويد* وڏي ٻاڪ جي مسافر کي
ڪيڏين اونداهين کان بعد سحر ٿيو آهي
بي پناه فاصلن کي حوصلن شڪست ڏني
واٽون خود پاڻ چوَنِ ٿيون سفر ڪٽو آهي

---

# نانگ جو ڇَڪ هٽڻ

* خوشخبري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڪين کي اُوسِ ڪنهن جا اوسيئڙا آهن
جا جا تاڻ چڪتاڻ آهي اندر کي
گلن ۽ ولين واري موسم پڇي پئي
ته جا هيل تيو آ تَبَسُمَ جي گهر کي

☆

جوين آئينن ۾ جهلڪا ڏيندو ويو
چپن چاندوڪين جا چُٽڪا ڏيندو ويو
ڊائريءَ جي ورقن مان ماضيءَ ڳالهايو
وقت ٻنهن کي ڪيئن نه وراڪا ڏيندو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڙي او رفيقو! رفاقت جو چا ٿيو ؟
محبت مروت ۽ چاهت جو چا ٿيو ؟
جي غلطان ٿي ويا آهيو گردش ۾
ته ڇٺو دشمنن کي عداوت جو چا ٿيو ؟

☆

ڏِسئون ٿا لهوءَ کي لڳي باه وئي آ
کهڙين بي حسين ۾ اچي ڦاٿا آهيون
خدايا! اسان کان کسي وٺ حيا تي
اسان شاعر ڄڻ ته ڄمي ڦاٿا آهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

#پرم چو تا پڇو پنهنجو سُجهندن سان سڙو چو ٿا؟

پنهنجيءَ دانش جي پِيٽن* ۾ ننگن وانگي نچو چو ٿا؟

پلا باالفرض مڃجي پئي توهان ۾ ڪجهه ڪٺا آهن

توهان اُن ذات جي ڏاٽيءَ کي پاڻي ڦُوندڄو چو ٿا؟

☆

اگر اُپ کي خود تي اهو ماڻ آهي

وٽس چنڊ تارا ڪيتون ڪهڪشان هِن

ته سنڌ جي مٽي پنهنجن ڏاهن ڏي مرڪي

چوي پئي ته ڪاٽي ڪهڙا ضوفشان هِن

---

# دانشورن ۽ اديبن جي نانءِ

* گوءِ يا راند جي رهڻ مهل ليڪا ڪيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبتون من ۾ متيون آڙاڪ تو سانديون وتان

چاهتن، چِٽَ جي تتين، جا هاڙڪ* تو سانديون وتان

آڪ جيتوڻيڪ تَبَسُمَ ساڪ مان جرڪي پئي

چاڪ ۾ پوءِ يي اجان ويساڪ تو سانديون وتان

☆

تڙ تڪڙُ ۾ توسان ياڪي ڀائي مان

موڪلائي تو وتان نڪري هليس

ها مگر اڳتي اچي پوءِ ياد پيو

هڪڙو بوسو هو جيڪو ڀلجي پيس

---

* سخت گرميون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بند نيڻن ۾ خواب جاڳي پيا
مُرڪيا تنهنجي وصال جا لمحا
ساوا ساوا مان سرهاڻ تي مهڪي
رات اڙيا ڪمال جا لمحا

☆

زندگي بيشڪ بيحد ڏاڍا مزا
بي تحاشا جوش جذبا ولولا
پر جي ڪانءُ ۾ ڪٿي اٽڪي پوي
زاري پوءِ محشر نِسوري ڪربلا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيني ڳاتو ڀئي پيار جو سرگم
مستيون مرڪون ملهار جي موسم
مُشڪ موتيا رتا فضائن ۾
ڪينجهر ڪپ تي بهار جي موسم

☆

پيرون پڪڙيا، پٽن تي پرخ ڦٽا
سپنا سرجيا سُڪار جي موسم
مور مستين ۾ ڪيئن ٽهوڪن ٿا
آءُ سگهي، آئي سارَ جي موسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنڊ، گيھہ، لوڻ، مرچ جي ڳڻتي ڪجي
دل جي لُچ پُچ لوچ جي ڳڻتي ڪجي
پيٽُ پئسا، يادون طلبن وقت تيون
کھڙي کھڙي خرچ جي ڳڻتي ڪجي

☆

رات ڪي ڪنھن سمي* نيت ڪٽلو بہ آ
باک ڦھڪي ڦٽي ڄاڻ تيو سوجھرو
هن هيڏيءَ ٻاخ# تي هيانءُ نہ هارج پرين
جُهد جاري رهي، حوصلو حوصلو

---

* وقت
# اونداهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن ويساھ پئي چاھيو ۽ ھِن دل چاھ پئي چاھيو

چيو سونھن سرڪي ٿي بس آ مگر مَنَ واھُ پئي چاھيو

ھوڏانھن ھُو ٻئي، ھيڏانھن وڃي عقل ۽ عشق پيا اٽڪي

حاصل مطلب پنھنجيءَ پَرِ ۾ سين آڙاھُ پئي چاھيو

☆

سِجُ جي اُڀرڻ ڪان موم بتيءَ تائين

ذرڙيءَ سانجھ ڪان ڪتيءَ تائين

ساري لُڄَ لوچ، سوچ او سانول

تنھنجي چاھت ۽ دوستيءَ تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خواب يادن جي سُرخ موسم ۾
دل جي آڱُر تي ڦهليا آهن
خوشبو خوشبو آ منهنجو گهر سارو
گهاوَ رابيل تي ڪِڙيا آهن

☆

بهشت آهي ناريءَ جي محبت مڃيان ٿو
مگر ناري نفرت ڪري ٿي ته توبهہ
جا عورت وفا پيار جو مجسمو آ
اُها جي عداوت ڪري ٿي ته توبهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اقتدار اعتبار چٽبو آ
اختيار قومي بار چٽبو آ
پر جي کو قوم سان کري دوکو
تنهن کي قومي غدار چٽبو آ

☆

يارُ ارڏايون کندو مُنجبس ميار
عام کو اٽکيو ته ڏکُ، چنبو، ڏِکار
راهزن ڏوکا کندو، دنگا کبا
کيئن کبو راهبر کَئي جي ٿير ٿار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دردن جون دلفريبيون يادن جا جهميلا
دلڪش ٽيندي وڃي ٽي حياتي اجان وڏيڪ
عيدن ٽي ٻَلبَ، ڏياريءَ ٽي جهنجهيل ڏياٽيون
جيئڻ ٽي ڏسي مڃي ٻئي ڄاتي اجان وڏيڪ

☆

آدِيءَ جو ڪنهن مون کي الائي ڪنهن پڪاريو
بي مهلو ننڊ ڏوٽيندي، ننڊ مان اُٿاريو
جاڳي ڏٺم قلم نه ڪو ڪاڳر هو مَتَنِ ڪان
سمجهيم ٻنهن وري وڃي شاعريءَ کي شِڪاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت کيِ ڪيئن خبر پئي ته هيٺو ٿيو آهيان

ڪنهن ته ڪيس چاڙ ڏني مان ٻري وِسيو آهيان

عجب ماڻهو هو سندس آستين ۾ نانگ نه هو

ڪيس هَٿُ ڏيندي مان اچرج ۾ اچي ويو آهيان

☆

وِڇڙي وياسون ليڪن وِڇڙي به گڏ رهياسين

روحن جي ڙتر تان ڪوئي نه جدا ڪري سگهيو آ

بي روڪ ولولن کي اُوچيون ٻِتيون ڪٿائي

مُغلن جو شهنشاهه پيِ نه جدا ڪري سگهيو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ ڪلهه آڏين جو اڪثر مونکي ايئن لڳي رهيو آ
ڪو ڏورانهين فاصلي کان منهنجو نانءُ سڏي رهيو آ
سو اجل پيي ناهي جنهنجو، مان نه سڏ پروڙيان لوڪو
ڪوئي پيو سونهون آ جيڪو پيڇو ڪري رهيو آ

☆

ڪُهنبي جي اوڊ ۾ تون منهنجي دلاورانگهي وئي آن
ويندي جا منهنجي هَٿُ ۾ تون چُني ڇڏي وئي آن
شرناءِ جي گونجن ۾ تو نه پَلُ پيي ڪي نه سوچيو
تَبَسُم جي جوڳ لئه ڪا ڪفني ڇڏي وئي آن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوهيئڙن جون تاٽيل سوين تي ڄاريون

اُونداهين جون چاندوڪين تي *آڪياڙيون

آباديون جڏهن ڪِن اُجالن لئه ڪوڪن

ويرانيون وڌي ڪين ذين تيون وراٽيون

☆

ساگر ڪي ڇئو ته جَر جي لهرن تي فلڪ آٽي

ڪشتيءَ ڪي ڇئو ته ڇر جي ڇولين تي فلڪ آٽي

سڙلا ۽ نه سيڻ تي ايڏو بانورجي سُڪاٽو

ڇئجوس ته تقدير جي ڦِيرين تي فلڪ آٽي

---

* آڪين تي ڪوپا جي اڪثر جانورن جي آڪين تي ڄاڙهبا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عيد آئي عيد ويندي تي وڃي
هَمُ ڪري، گڏجڻ، ملڻ باقي اجان
عيد جي رَهِلن ۾ ليڪن سوچجو
پونءِ ڪي پاڪي پڻ باقي اجان

☆

چالئہ گُهنجي حياتيءَ جون، گهاريون گهڙيون
ڳالهہ ڳائي ڪيون، سنڌ جي خاڪ جي
سارتر ، ڪوبہ سقراط تي تو سگهي
اڄ مٺيءَ کي ضرورت آ بي باڪ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽر کي پٽر تي گھي ٻالا ٻاريو
سُمهندي نہ ليڪن اُٿي ٻالا ٻاريو
اُماڙيون* برف جي ڇِپن مان نہ پرنديون
جي ٻارڻ تا چاهيو نهي ٻالا ٻاريو

☆

جيڪو زنده ضمير سان، سو ئي امير آ
ڪيڏو بہ مالدار نہ تہ، پينگيو فقير آ
وِکَ وِکَ تي پنيلجڻ# لئہ ڪروڙين سبب مگر
جو پي ڪِريو ضمير ڪان ڏاڍو حقير آ

* پرندڙ باھ جي ڪاٺي # گمراھ ٿيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرنھن، ڇانيي، ساريالي جا، رونبا ۽ لاب جاڳي پيا
آسروندن جي آکين جا، سونا سرخاب جاڳي پيا
اُتر واءُ اڄ ڪنيون آيو، نئين ناري لئہ خوشخبري
ساڻيان جي آس ۾ دفنيل، وري سڀ خواب جاڳي پيا

☆

#هڪ جهونا ڳڙهہ جي جوڳيڙي سيوهڻ ۾ سِرَ جو دان ڏنو
راجا جي لاٽي لاڦ وري پيهر پيجل ڪي مانُ ڏنو
سُر سازڪي سر جو دان ڏئي سنسارسان سنمڪ ٿيو سامي
رمتي پڻ ساڳي ريت ڪئي، جيئن سِر هو ڪلهہ سلطان ڏنو

---

# 1996ع ۾ هڪ جوڳي سيوهڻ ۾ مرلي وڄائيندي ساھ ڏنو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جسم جو اُهو حصو خلش جتي گناهه جي
وڏي وڌي وڃي ڪتي وبالِ جان نه ٿي پوي
سوچيان ٿو تنهن ضمير کي ڪوري ڪپي ڪڍان
جو پاپَ پنَ جي سوچ ۾ چريو مثان نه ٿي پوي

☆

آڙاهن تان ٽپندو ويو ۽ ٽِڙندو ويو
ڪانڊيرن تان ڪُڏندو ويو ڪاهيندو ويو
سوريهه ِپنهنجن سنگهرن جي آوازن کي
جيئن ڪنايو تيئن مگين ۾ مچندو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آپگهات ، اغوا، خون ۽ ڪارنهپ جون سرخيون
هر روز هر صفحي تي ويڳاٽپ جون سرخيون
هر صبوح جو ان آس سان اخبار تو کوليان
اڄ مهه جبين جي مَنَ حسين چِپَن جون سُرخيون

☆

*سنڌ جا پکي ۽ ماڻهو ڳولهن پيا شڪاري
اجرڪ ۽ نڪ قلين کي ريتن پيا شڪاري
جيوت سمورو سنڌ جو لڙڪ ۽ لهو لهو آ
ماتم آ ماتريءَ ۾ تهڪن پيا شڪاري

* هر سال عرب جي شڪارين جو سنڌ ۾ آمد تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اميرائي گهر لڳ ڪچي جهوپڙي آ
وڏي هٽ جي پرسان ڪا ننڍڙي پڙي آ
اسان واري اَٽيي حياتي تَبَسُمَ
پٺاڻن، پيندين توم جي ريڙهي آ

☆

مواليِ# هٿا پيگ پاڻيءَ لئه ترسيل
ته چاهي جي پهتي خبر ميڪدي تي
ايف آءِ اي وارن کي پِٽيندي پِٽيندي
سمهي پيا سنجهي ٿي بڪئي پينڙي تي

---

# جنوري 1996ع ۾ ايف آءِ اي ۽ ڪسٽم وارن جهازتي
چاپو هڻي وڏي تعداد ۾ شراب جون بوتلون هٿ ڪيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وستي، هُجوم ماڻهو سراپا سراپيل
هڪ خوف جنهن ۾ لوڪ، گهٽيون، گهرَ ڍنل ڍنل
وحشت آ طاري، زاري هر ڪنهن جي وات تي
زنده آ زندگي مگر ڪفنن ۾ ويڙهيل

☆

گنهگار شڪليون گنهگار ماڻهو
هَوَسَ جا هميشه پرستار ماڻهو
جمهوريت جي ست ۾ به شامل ڏسان ٿو
جي آمر سان ها ڪالهه عيار ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هليو پئي رات تي ويءُ تي، ليکو عربن ڪروڙن جو
چيم هن کي چري تنهنجو، ڇو پتجي وات ويو آهي
اُتي ڪر بند تي ويءُ کي، ڪٽي ڏي قلم ۽ ڪاڳر
ڪيون ليکو نه چا ڪاڏو، چا گنديءُ ۾ بچيو آهي

☆

*هُشيون هنن کي ڏيئي آئت اسان کي ڏيو تا
زخمن تيءُ مرچ ٻُرڪي سرهم به آڇيو تا
ڪاوا تنبي اکين ۾، تاندار کي هٿن تي
ڪيڏا حريف آهيو ماتم به گڏ ڪيو تا

* 1996ع ۾ نوازشريف ۽ ايم ڪيوايم جي ناهه تي لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

#دنيا ۾ جن جي دعويٰ مهذب ترين آهن
تاريخ چئي ٿي تن جي، گهَرَ گهَرَ ۾ هڪڙو قاتل
جن قاتلن کي فخريہ، قائدِ شهيد ڪوٺن
سو هر شهيد جيئري بڻ چئن سَوَنِ جو قاتل

☆

*لالوکيت ۽ لائينز ايريا گهمين هان
ڪلفٽن جي روڊن تي نڪتين تہ ڇا ٿيو
شِري، ڏوبي، ڪاٽي جي عشرت ڪدن تي
نہ ڪاڏهُ، نہ پيتہُ، نہ پهتين تہ ڇا ٿيو

---

# سنڌ اسيمبليءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي هڪ سارجي ويل لاءِ فاتحه پڙهڻ وقت جيڪو ٻاڻ

★ 1996ع ۾ آمريڪي سفير جي ڪلفٽن ياترا وقت




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ صبوح نيرن تي پٽ مون کان پڇيو
بابا سائين! روز جي هڙتال ڇو؟
مرڪي چيم ملڪي معيشت اي ٻچا!
حد کان وڌ تي ٻئي آهي خوشحال جو؟

☆

عوامي آوازن تي پهرو نه رکجي
ڪڏهن رابطن کي وِڇيرو نه رکجي
ماٺهو آئينا، ربط آواز تين تا
انهن سان رَويو اُپهرو نه رکجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچ جي واٽن تي ڇڏيل تنهنجو نشان
اڄ به ساڳي اوج سان آهي عيان
سنڌ جا سورهيه هي تنهنجي سوچ آ
لوڪ کي ڇو آ شڪستن جو گمان

☆

هڪ مٿان آسمان جي بارش
جنهن مُنجهائي ڇڏيون مٽيون آهن
تنهن مٿان بيان رهنمائن جا
جن اُڏائي ڇڏيون ڇٽيون آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهريون هو آواز تي ڪلندو رهيو
پوءِ هو ڪنهن راز تي ڪلندو رهيو
ڇا نہ ماڻهو هو جو فتويٰ کي ٺُڏي
سنگهرن جي ساز تي ڪلندو رهيو

☆

وقت کي پٽيون، پڻا رکجو جو اڄ
عزم کو اُگرو ڪٽي نڪرون پيا
دار کي چئجو نہ لاهي دل اسان
ڄاڻ پهتاسون، اِجهو پهچون پيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

★ساڳيا ٽالهه يت جا خُطابين⬟ جي سِرَ تي
ساڳيون بي ڪَسن جون گهٽين ۾ صدائون
اُنهن جي فلاحيءَ■ لئه ملندڙ فنڊن کي
پُڇو پيشوائن ڪان ڪيئن خرچ ڪيائون

☆

صدين ڪان ساپيان جي آس ۾ سانپيل سپنا
۽ پوڏيسر# جي پٽن پاس سمهاريل سپنا
جن نگاهن مان سراب* ۽ رڳو صحرا ٽو سِمي
ڪڏهن تن جا ته اچي ڏس تون رٽائيل★ سپنا

---

★ مدرسن ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ تن جي سربراهن جي رَوش تي ⬟ مدرسن ۾ پڙهندڙ شاگرد
■ چڱائي ، بهتري * رُڃ # ٽر جو حصو ★ ٽوٽ ، ٽُڪل ، ويران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کربلا جو واقعو امتحان هو اسلام جو
جڻ زنده رهجي ويو اسلام ان واقعي ڪانپوءِ
هيڏانهن هن مظلومَ ماڻي زندگي تاريخ ۾
هوڏانهن هُو ظالم ٿي ويو گمنام ان واقعي ڪانپوءِ

☆

عاشورن جو ڏينهن آيو آ قِري
سوڳوار آهي وري آلِ حسين
شام جي ڳلين ۾ شامِ غم ڪٽي
اشڪبار آهي وري آلِ حسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿا نيڻ نِمن جن جا جهڳين جي وٽين وانگي
ڪڪرن کي ڇئو تن جي مَنهن تان ٽري گذرن
آ جن جو گذر آئِيَ، چاڙهڻ تي ڏهاڙي
برسات بند ٿئي تہ اُٿي پيٽ گُذَرَ جي ڪن

☆

پني عَاقِلَ جي پرڀاسي ، ڪڏهن ٽوڙيءَ، ٽنبي ۾
هميشہ بيگناهن کي ٻهانن ساڻ ريتيو ٿا
ڪڏهن مقتل، ڪڏهن ڪوڙا، ڪڏهن سنگسار ٿيا آهيون
رڍن ٻڪرين جيان واڙي جڏهن چاهيو ڪُهو ٿا پيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جا پورا کيو پاڳا کيو
ونڊ، ڪٽ، واڍو ۽ ورهاڱا کيو
مير جعفر نائون مل جا وارثو
ماءُ مٺيءَ سان ڇو ٽا راڱا کيو

☆

نجوميءَ کي خوابن ۾ تارن جون ڳالهيون
ننڍن ۾ اُستادن کي ٻارن جون ڳالهيون
تيسين پاڻ وٽ پيي ٻاڙائيون ٽيون ٻولن
کيون کين ٽا جيسين يارن جون ڳالهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي قوم جيئارن ٿا، سي پنهنجي جياپي لئه

حاڪم ڙي اوهان ڪان ڪجهه، انصاف گهرن ٿا پيا

ڪو عزت پريو جڳ ۾ جيئدان ڪپي تن ڪي

اوهان ڪي غلطفهميون ، ڪيمخوابُ گهرن ٿا پيا

☆

اڄوڪن پهرين صفحن تي توهان جي حاف جون خبرون

سڄڻ سرخين سان هر نيڊڙيُ وڏي اخبار ۾ ڇپيون

اوهان جي در تي ڏهلن سان سڄو هفتو جشن هوندا

مگر پون ۽ جي ٻه سڌ ونجو ته پونُ جون ڪيئن گهڙيون گذريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ باگڙياڻيءَ هڏڪيون پريندي ڪيو سوال*
هيڏي وڏي انياءَ تي چو آ سين ڪي سانت
آهي ڪو ڪائنات ۾ ڪيڪيءَ جو واهرو
ڪيس چيم چري نه روءُ تون، ناهين ويناحيات

☆

ڏاڍي حسين هونئن ته حياتي هئي مگر
ڪجهه زندگيءَ جي حادثن، ڪجهه تو ڪئي تباه
توڙي جو توڙ خواهشون پهتيون نه پوءِ پي
جيئڻ سان چاه ساڳيو تو سان به دل اَٿاه#

---

* 10-1-95 تي ڪيڪي باگڙياڻيءَ جي لڇالت

# انتها ، نهايت يا گهرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*زندگيءَ ڏي زندگي ڏسندي رهي
بي حَسين ڏي بي وسي ڏسندي رهي
يوسف ۽ سرويچ ڏي حسرت منجهان
راڳڻي ۽ شاعري ڏسندي رهي

☆

#حياتي بي وفا آهي حياتيءَ کي بقا ناهي
آ هلڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن اڻ سونهين سفر پاسي
وئين تون پي وڃائي جو تنهنجي هٿ ۾ هيو وارو
او منصور! الوداع شايد وري پيهر نه ملنداسي

* محمد يوسف ۽ سرويچ جي سخت بيمار رهڻ جي خبر ٻڌڻ مهل
# منصور بلوچ فلم ۽ ٽي وي آرٽسٽ جي لاڏاڻي تي لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

● اسٽيڊيم جي اندران، ٻاهران هشام هوندا
مون ٻاران مفت خوريا جُوءِ منجهه جام هوندا
ڪوشش ڪبي ٽپي ڪو، اندر پيي لوٽو هٽجي
گوهيون، اسان ۽ ٻويان، ڏنڊا پيي عام هوندا

☆

هر روز هر وزير جو ساڳيو پڙهي بيان
سوچيان ٽو ڪنهن ٽنيي سان مان ٽونا وجي هٽان
هر صبوح آسرو ڏئي ڪنهن روزگار جو
هر شام فرمائي ته نه سوچيان پيو اجان

---

● پاڪستان ۽ سائوٿ آفريڪا جي ڪراچيءَ ۾ رٿيل ميچ وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍي هوندي کان ٻڌبو آ ڪنهين درويش چيو آهي
ته ڪيئي سال عالم کان اڳي هئي سنڌ فنا ٿيندي
جڏهن سنڌو سُڪي ويو ۽ پٽون پنجر ٿي وئي ڌرتي
ته باقي چا بچيو سنڌ ۾ فنا پيو ڪيئن اجان ٿيندي

☆

پاڇن تي رکي پير نه پابند ڪبو آ
مهمن• لئه ڪو متير نه پابند ڪبو آ
فردن مان پنهنجا هيرا، وقت پاڻ ٿو چونڊي
ڪمزور يا دلير نه پابند ڪبو آ

---

• ڏکيو ڪم ، جنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظرياتي اختلافن کي رکي ڪجهه پريرو
ذاتي يا سياسي مفادن کي رکي ڪجهه پريرو
قومي ايڪي جو تقدس سڀ کان اڳم سوچجي
بغض جي ذاتي بنيادن کي رکي ڪجهه پريرو

☆

تنهنجو سڏ وَرايان سراپا لڄان ٿو
او ذرتي! سڏين پئي مان سڀ ڪجهه سٽان ٿو
مان مفلوج هان پي ڪنائج تہ توکي
تنهنجي سَڏ جون رڳ رڳ مان ورنديون ڏيان ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لهوُ ۽ لڙڪ جي موسم ڦهر ڇڏي ٿي نٿي
قوم تان هڪ نه ٻي هيڪاندي ڇو هٽي ٿي نٿي
سڙي پئي سنڌ سڄي، سال لنگهي ويا ڪيڏا
بمن بارود جي بدبو آ، جا ڪٽي ٿي نٿي

☆

هيل ٿرُ ٻڌجي ٿو ڏاڍو آ وُٺو
ٿر جون سڀ وسنديون اِيئن وسنديون رهن
ٿَرَ، تراين، ڍهر ڏوٽيئڙن طرف
اي خدا ڪنوٽيون سدا ڪلنديون رهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي تاسارا رڳو طلبن توکان ڏُک چار ڀاڱيءَ جا

هي بکيارا فقط چاهن، ڳيا تي چار ڏَوڙي جا

هيڏي ڪلجڳ ۾ هي ماڻهو، ڇو جيئڻ بار آ جن جو

خدايا ڇو تنهنجي هوندي، ٽري حقدار گهوگهي جا

☆

هنن وستين ۾ هر لمحي الائي ڪيترا ماڻهو

پولارن ۾ پساهن کي ڳڻيندي عمر ٽا گهارن

۾ ڪلجڳ جي تاجي پيٽي جوڙڻ واري کان هر ويلي

هزارن خواهشن عيوض رڳو هڪ نان ٽا چاهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

• پاڻ سان هڪ دور عظمت جو ڪٽي
آفريڪا جي اُفق تي اُڀري پيو
هو ڏسو لوڪو صبح نئين عزم سان
منڊيلا* جي ملڪ تي اُڀري پيو

☆

هو هڪ احساس دل ماڻهو پنهنجا احساس سڀ ميڙي
هن بي احساس دنيا کان هميشه منهن ويو موڙي
سندس اسحاق هو نالو تخلص هو سندس راهي#
مخلص هو، مهربان پيءُ ، ادب ۾ جاءِ ويو جوڙي

• منڊيلا پنهنجي ملڪ جو جنهن ڏينهن سربراهه ٿيو
* آفريڪا جو اڳواڻ نيلسن منڊيلا
# بهترين دوست اسحاق جي لاڏاڻي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*ايندڙ بجٽ ڪان اڳ ۾ حسرت ڪاڻ پيٽ جي
دل چيو ته دل تي ڪڍجي، ڪنڊ، ڪير، ڳڙ مڇيءَ مان
نيڊڙيءَ سوڙ مان ٽوڪي ڏکين ٽنگن هڪل ڪئي
في الوقت وِيلا ڪيڏ تون، ٻهه، پوسي، ڪڙ، ڪتيءَ• مان

☆

ڪوڪلن لفظن جي آٿت ڏي نه تون
زندگي سچائيون طلبي پئي
مفلسي، مهانگائي، لاقانونيت
ڪيئن چوان چوڪي چڳي گذري پئي

---

* سال جي بجٽ تي تاثرات • چوپائي مال جو ڪاڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

● چار ڏاها چونڊبا چريو نہ ٿيءُ
چنڊ کي چيم هل هلون پٽ شاھ ڏي
ڪِڪرين ۾ منهن وجهي چيائين ادا
چو ٿو مارائين نہ هل آڙاهَ ڏي

☆

شيطانيت جي غرض کي ماٺهن هٿئي ڏني،
قدرت جو ههڙو سلسلو تہ ٿي نٿو سگهي.
وحشت، نڳيءَ، ڪوڙ، منافقيءَ تي مشتمل،
فطرت جو ههڙو فِلسفو تہ ٿي نٿو سگهي.

---

● سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اليڪشن جيڪا پٽ شاھ تي ٿيڻي هئي
■ لياقت جتوئي جو وقتي فوجي حڪمران جي حمايت ۾ ڏنل بيان تي ردِ عمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گھوگھو ڏيئي گھٽين ۾ گھٽيو ويو
۽ چٽنين ڪندن ڪان جو ڇُٽو ويو
هي سنڌ جو خطو امن جي نانءُ تي
او ساٿي! صبوح شام لٽيو ويو

☆

اُن کي ڪيئن تو عشق چئين جو حسن کي
پاڻ ڏي مائل نه قائل تو ڪري
عاشقيءَ ۾ سمجهه ڪا آهي ڪمي
درد جي توکي نه گھائل تو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتي تاسارا بوند، بادل لئہ
آڪيون اُپ ۾ ڪيون پيا واجهائن
۽ ڪتي ڏاپيل ڍُڳا ماڻهو
ڪلهو ڪڪرن کي ڏيئي ترسائن

☆

ماڻهوُ ماڻهوُ کي پنهنجيون مجبوريون
ڪِن گهٽيون ڪن کي توريون مجبوريون
زندگي پوءِ به تحفو آ توڙي
جُهد، جنجال، جهوريون مجبوريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڙنسدائون پل جي هيٺان چوليون
سنڌ کي سنڌوءَ ڏنيون هئي لوليون
چند وَسَ وارن جي غيرآبادين
سنڌ جي ساوڪ تي تاڙيون گوليون

☆

اوهان جا ته هئي ڪن سبيل هن او صاحب
گهٽين ۽ گهرن ۾ اجل رقصان آهي
ڪاڇي ۾ رڙيون روح محشر متل آ
۽ سُڏِڪن ۾ سارو ڪوهستان آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگيءَ جي زهر کي پيئندي بہ هُو
ماڻهو يَرَ ڪيڏو مٺو ماڪي هيو
احتراماً چا بہ چئو استاد* کي
پر بخاري سنڌ جو ساڪي هيو

☆

#سڪرنڊ جي تسليم جو معمو اجان سوال
معصوم فوزيہ جو قتل تنهن مٿان سوال
ڪَنڊ ڪوٽ جي حياتان،• ڪٿي ڪنهن جهلي ڇڏي
بي داد حڪمران کان، خدا کان ڪيان سوال

* استاد بخاري • عورت جو نالو
# چند سال اڳيہ ٿيل واقعن کان متاثر ٿي لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

• سرابن جي پٽيان سهڪي، ڇو صحرائن ۾ ڊوڙين ٿو
اڙي او ماڻهو! پنهنجي وڃائين ڇو ٿو نسلن کي
ورهائڻ ٿي جي مقصد آ ورهائين ڇو نٿو محبت
رڳو تعصب تضادن ۾ ڪُهائين ڇو ٿو نسلن کي

☆

آهي مقتل جي ئي هار نئين زندگي
تنهن کي ماڻڻ جي لئه هي جَتنَ ٿو ڪريان
مُرڪندي سَوري سُرڪڻ ٿاهي ڪنڌ ۾
لوڪ پوڻيون اکيون مان کِلي ٿو پوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جي سڄين گهٽين ۾ راڪاس جا پڙاڏا
بي حالي، بدنصيبي، بي علمي، بک ۽ فاقا
خوشحالين کي رَهزَنَ، ڌاڙا هٽي ويا هِن
ڌارين تي ڇا ميارون پنهنجن گهٽايو آ ڇا

☆

ڏينهن ٿيا وڇڙياسين ليڪن جيءُ مان جهاتي نه وئي
ترڪِ الفت مونکان ، توکان ياد ڇو تاتي نه وئي
تو ڇڏيو تنهن کان وڌو ويسور ٿم ويسالا جو
تو جا هٿ ڪاتي ڪنئي افسوس سا لاتي نه وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*ڪيترو روڪيو هومانءِ سنگتي تڪڙ نہ ڪندو ڪَرِ
ماٺهوءَ ماٺهوءَ کي ڏسڻ بعد تنهن سان کهندو ڪَرِ
ڪپڙن، ڪَنَن کي چنديءِ، اُت تہ گهر سوير هلون
اڳتي ڪوڪِڙين کان مڙئي، تارو ڪري لنگهندو ڪَرِ

☆

اوهان جي اوباشي عياشي تي سڏجي
۽ آوارگي ياري باشي تي سڏجي
اوهان جي گهرن مان مگر ڪائي ناري
جي چاهي تي ڪنهن کي تہ ڪاري تي سڏجي

* واره شهر ۾ ڪوڪڙين حد جي صوبيدار کي ميل جي موڪل
نہ ڏيڻ تازه مار ڏني، هڪ خبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برکا بسنت رُت جون ڏئي پئي بشارتون

ڪَرَ موڙي ڪرٽا ڏين ۽ وٽن پيا مبارڪون

لوڪو ورهايو ڪنڌ ڪٽو گُهنڊُ ٻاڪ جو

ٻن چِڻ ڪانپوءِ پُکيون اچي وستيءَ ۾ رونقون

☆

صدين جا اوجاڳا جُڳن جون بي‌خوابيون

چندرما* جي بي ڪل اندر جون بيتابيون

هو ڪيلاش# تي ڪنڌ رکيون ويٺو سوچي

ڪڏهن تيون ڪُٽن، گردش جون گهوماتيون

---

* چوڏهينءَ جو چنڊ

# جبل جي اوچائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

او مگٽا ايندين؟

هيل بسنتيءَ ۾

پيلا گل ڏيندين؟

ع-غ- تبسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فضا ۾ قلڪار
سونهن پيلا گل
سُرڪِي تنهنجي سار

☆

جهُونجهڪڙيءَ جو جهارِ!
پره جا پکيئڙا
ايئن ته نه اُڏار

☆

جهُونڪڙيءَ ڏاري
نئـــين ديري* ۾
ڪير پيو ٻاڪاري

* سنڌ جو هڪ شهر ۽ منهنجي جنم ڀُومي

او پَلَ اَجَهلَ!
ڪتي گڏِيئه ڪالهه
منهنجي ويلَ ويلَ

☆

رمتا سُرڪي پيءُ
گورڪُ پوندءُ گس تي
متان ٿِيئي سيءُ

☆

اوجُهڙَ! بيهه اتي
ڏرتتـــي جـــنڊڙي
پَلَ ڪن چانوَ ڪپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاٽي هُئين ڪالهه
پيالي پوريءَ رات
چوهَ ڏنا پئي چالَ

☆

ڪوئي هِت هيو
گهر ۾ گهڙندي ئي
ڏاڍو ياد پيو

☆

ڪَوِتائون ڪَرَ ڪٽن
پسي اَڄَ پني جي
ڪونجون ٿيون ڪِرڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏرتيءَ جـــي ڏوڙ
آري ايندءُ اوجهري
نيڻ نه تون نپوڙ

☆

چئين تو ترس
جيئڻ تي جانب
منهنجو نه تم وَسُ

☆

ڏيري ڪوڙ ڪِريون
پوءِ چو هاريءَ زال
ڏنيون ڏنيڪريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گـــدڙ     اونايـــــــون
بـــاتآءِ لـــــينبد   مِ
ڪتان     پئي     آيون

☆

رستـــا    رستـــا    بيهه
هُو    رستو    هوڏانهن
ڪيڏانهن    ويندو    هيُ

☆

سُڻِ    تہ    سُٽايوم    ڪا
اڄ    چو    اُتِ    ناهن
جت    هو    ڪالهه    هئا



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

تپڪي وارا انب
ڪائين پٽي نينگري
ڄاڻ ڦُٽي پيٽ ڪنب

☆

لنڊن واري پُل
ٿيمز* جي پيٽ تي
بيٺل بي مِثِل

☆

ذهني ڪشمڪش
اڳي ڪان اڳري
الله! وتُ نه ڪَڄ

* لنڊن جي وچ مان وهندڙ درياهَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ديـدي !* دســــــهڙو

دَرِ دَرِ ڊُهل وڳا

اُتِ تون پاءِ پَڙو

☆

او مگڻا ايندين ؟

هيل بسنتيءَ ۾

پيلا گل ڏيندين ؟

☆

مگڻا سڀُ نہ سَلِ

جي سُٽي سهسايان

باقي جَهلِ يا پَلِ

---

* پيڻ (هندي لفظ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

او منهنجي ماءِ
جهٽ ڪن ويهه اجان
رلهي ته نه ڀاءِ

☆

او منهنجي ساران*
هڪ پَلُ گڏ توسان
ٻيو پَلُ تو ڌاران

☆

آزاديءَ جو خوابُ
سوئِنُ ڪاٺ ڪپي
اَڌِي ڪاٺُ ڪَبابُ

---

* منهنجي ڌيءَ جو نالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي هٿ ۾ ڪانُ
لڳي تو نه سهندين
ماڻهوءَ وٽ ڪو نانُ

☆

ڪنهن نه پئي چاتو
مان پڻ راڳيءَ سان
ڳڏجي پئي ڳاتو

☆

شَمَــــنَ مــــــيرالي
تو جو ڳائي بس ڪئي
ڇَنو ٿي خالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منظور جون مرڪون
ٻاڪ قتيءَ ڏاران
ڪُون ڪُون ڪُون ڪُون

☆

شبير ۽ ممتازُ
نئين ٿهيءَ ڪاٺ
هڪ سُر پيو سازُ

☆

انــــورَ وســـطڙا!
ڳاءِ! ٻُجهجهن پيا
چوڏهينءَ راتِ چڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شفيعَ ۽ صادِقَ
سُوهن اوتي اوهان ۾
پيار منجهان ڪا پِڪَ

☆

مجيان ٿو آهين
ڇا ٻيي ڳائين تون
يوسف ته ناهين

☆

تون به ويندين هليو
جيئن ڪلهه ڪلاڪارُ
ديهات* مان اُسهيو

* اُستاد گلزار علي خان گوٻي جي ڳوٺ جو نالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حنيف پٺي ڳاتو
رات، جي ڪينجهر تي
چنگ ٻُڌا پٺي تو

☆

ڀاڳي نه ڪو مرادُ
لوڪ ڳائڪيءَ ۾
سُر نه ڪو سوادُ

☆

چـــالئه مـــتيءَ ڪتُ#
ويچ! مَ ڪر ويسور
ڳائـــيـــندو بـــرڪتُ

# پسارڪو، وکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

او عـــبدالغـــفورَ
تنهنجن سُرن کان
سَرِسُ کتي سنتورَ

☆

مظهر ، ذوالفقـــارَ!
الکَ اَرِهي اوهان کي
جلترنگي جهـــونڪارَ

☆

منظور علي خانَ!
وحيد عليءَ ورتا
تو وارا نيشانَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حميرا چنا

پاڳن پري مائٽڙي
ڪلا جنهن ڪنان

☆

دادوءَ جي ڏُهري*
سنڌ جي سيني تان
اَجل نيٺ ڦُري

☆

سونَ ورنا سرمد!
مٽرسن جا، تو پٺي ڇيو
ڪُڇبا ناهن قَدَ

* استاد بخاريءَ ڏانهن اشارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سپرينءُ جو سوداءُ ، سُڏِڪي تو سيراند ڪان

اوڙي اُتر واءُ ، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا

ع-غ- تبسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر مارئي

مَرُ تہ چائي مارئي ، جنهن مارو ملهايا
اچي عمر کوٽ ۾ ، لاشڪ للچائي
تہ بہ "تَبَسُم" اُهائي ، مارئي مُئي ملير لئہ

مارئي مئي ملير لئہ، مُڙي نہ مائي
سَوَ سَوَ پيرا سومري، سا تہ سمجهائي
جکڙي جنجيرن سان بہ، واتِ نہ بي وائي
راتيان ڏينهان روح ۾، اُکند اُهائي
پلي جانُ چائي، مارئي سان ماروئين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماروئڙي سا ماروئين هاٿي چڏ تون پھچائي
تھڙي مُنج ملير ڏي، جھڙي آندي تو آھي
لکين ڏسي لالچون، لاک نہ جا لاھي
"تبَسُم" توکي تنھن سان، جاڙ نہ جڳائي
عمر وڃين اَڏي کي، مٽان مَرُ لائي
ساجھر سنبرائي، ماروئي مُنج ملير ڏي

سانگين بنا سومرا، ماندي تي ماروئي
ڏنارن جي ڏَڻُ مان، ڏُرئون تي ڏاري
آئي عمرکوٽ ۾، سورن لئہ ساري
ڳڻتين ڳنوارن جي، "تبَسُم" آ ڳاري
وتي ويچاري، ووء ووء کندي ور لئہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سُر سَسُئي

سَسُئيءَ سُورن سان ڪيو سُرت منجهان نہ سَگ
لوهو هيس لِڱ بہ گهائي گهور غُماز جي

گهائي گهُور غُماز جي پورن پچائي
ڏيرن جي "تَبَسُم" چئي ڏجهن ڏڪائي
سَسُئي ساماڻي، سُورن جي سفر لئہ

سُورن سندي سَفَرُ ۾ سگ نہ سياپو
سسئيءَ جُڏهن ساٿ ڪي صحيح سڃاتو
تاڪئون "تَبَسُم" پئي وجهي، وَڻ وَڻ منجهه واڪو
آرياڻي آتو، ڪيڏو ڪيچين لئہ هيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏو ڪيچين لئه هُيو ڪيچ ڏٺي ڪَرَهو
ڪامَ چڙهي ويو ڪيچ ۾، وري ڪين وريو
پُنهون کي ته هيو حرف "تَبَسَمُ" حيف جو

حرف "تَبَسَمُ" حيف جو، اُنهيءَ تي آهي
ويو جو وٺان هلي، لاڳاپا لاهي
سُتو سُکَنِ ٻَکَ ۾، وَني وڃائي
سَسُئي ٻئي ساهي، پوئين دم پنهونءَ کي

پوئين دم پُنهونءَ کي سَسُئيءَ سَنياريو
منٿن سانُ موت کي "تَبَسُم" موٽايو
اڄهوڪي آيو، آرياڻي اڱڻ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرياڻي اڱڻ تي اَچي شال وَرِي
ڏُونگر پئي ڏَرِي، مِلان ان محبوب سان

مِلانَ اُنَ مَحَبوب سان سرهي ٿيان سُهاڳَ
پِلا ٿِين ڀاڳ، آڏو مران اُن جي

آڏو مران ان جي ، مرون ڪائنم ماسُ
پَهچي پِرينِ سامهون ، خوشيون ڪيان خاصُ
ٿِهان پوءِ "تَبَسُمُ" چئي سُڪيو ٿيندم ساسُ
رچي ٿيان راسُ ، جي پوٽيون پاروچو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻوٽيون ٻاروچو ڪري ته پلو آئون پانيان
وجهان وَڏَ وُجود ڪي، رڳ رڳ ڪي راڙيان
"تبَسَمُ" طلب واريون سي تندون تپايان
ٻورو ٽي ٻران، جي ٻهڪڻ ڏسي ٻاجهه مان

ٻَهَڪِڻ ڏسي ٻاجهه مان ته لونءُ لونءُ لَنوي لات
ٻاروچاڻيءَ ذات، مون ڪي مٽانهون ڪيو

مون ڪي مٽانهون ڪيو جڳ منجهه جانيئڙنِ
رَلي پِيا تَم رُوح سان سندا نه سڏجن
ويهاريا وجود ۾، ميڙُن ۽ منٺن
تَنَ سان "تَبَسَمُ" چوي وٽيون ڪين وجهن
مون ڪي ساري تِنِ، اچڻ ساڻ اُجاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄڻ ساڻ اُجاريو مونکي محبوبن
جُسو چوڏهينءَ چنڊ جان جانبَ جرڪائن
اٿ ٿي پهر اندر ۾ ڪنوٽيون ڪلائن
اَحِسان عجيبن جا الاهي آهن
بيحد ٿا ڀائن، مون تي ڀال ڀتار جا

مون تي ڀال ڀتار جا آهن ڙي لَکَ لَکَ
ڏنئون تَنِ "تَبَسَمُ" چوي تابش واري تِکَ
وجهان پٽي وِک وِک، موتي مهارن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موتي مهارن ۾ ، نت منجهان نڪرن
شتابي شريڪ ريءَ، چسا نڪ چهلجن
هسَ نہ منهنجي هنئين ڪي ، هوتن ريءَ هُرن
چينيايم جا شوق مان ، لاهيان سا نہ لگن
جيسيتائين اچن ، اوني هن عليل ڏي

اَوني هن عليل ڏي ، اجهو ڙي آيا
سرتيون سجايا، ٽيندا سانگ سڙيءَ جا

ٽيندا سانگ سَڙيءَ جا ، سيوئي سَرها
ڪيچين جا ڪَرَها، لٿي ايندا لڪ ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لٽي ايندا لڪ ڪي، سامُهون ٽيندو ساٿُ
اُڀري ٿي اُن ڪي، ميڙي وجهنديس ماسُ
"تَبَسُم" جيڪو خاص، مهري مون محبوب جو

مهري مون محبوب جو، ايندو اُتانهون
ڪندو ماڙِ مُٿيءَ تي ڪرهل ڪيچائون
لڏيون جنهن لاٿون، سو سُري ايندو سامُهون

سُري ايندو سامُهون، سرتيون سونهارو
ڪندو ڀال ڀنيور تي، ورندو مون وارو
منٿون مڃي مُٿيءَ جون، مُڙندو موچارو
ڪندو ڪوهيارو، سون وَرَني سسئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سون ورني سسئي ، آريءَ ايذائي
آهي "تَبَسُمُ" اُن جي تابش تپائي
ويٺي وجهي واٽ تي چتن منجهه چائي
پينارن جا پٽن تي ، پنهونءَ پهچائي
سُورن سنيرائي، سک نه سنبرن سُج تي

سک نه سنبرن سُج تي، سُرت نه سانديي سورَ
وون وجن وهلورَ، سکن وارا سُور کان

سُکن وارا سُور کان ، چرکيو پيا چرکن
ساري رات سيخ جيان ، سنوان تي ته سمهن
گهايل گهور غماز جا ، مورون ماٺ نه کن
قولي قٽ فراق جا ، قرٽيءَ جان، ته قرن
ٻوراڻتا ٻچن ، جڏهن تڏهن ٻرينءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن تڏهن پرينءَ کي ، سسئي هئي ساري
اُتي اڏ اڏ رات جو، ڏاگهن کي ته ڏسي
پيئي تي پڇي، آريءَ ڪاڻ اُتامري

آريءَ ڪاڻ اُتامري، سورن منجهه سڙَيَ،
ڪري مُنهن مڪران ڏي رُلي روز رڙي،
اَتَ ٿي پهر الله جا ، ڏونگر هئي ته ڏرَي،
مُتي شالَ مري ، ووءِ ووءِ ڪندي ور لئه

ووءِ ووءِ ڪندي ور لئه ، وڃي هئي وڏبي
اڏو اڏ تي ، سسئي اجها سُور ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئي اجها سور ۾ هلي هتائون
ڪيڇين ڪل پيئي ته اُتي اُتانهون
گوندرِ گڏيائون ، سيئي گس غريبِ جا

سيئي گس غريب جا ، مَندَن مُنجهايا
سسئي ڪي سنبت جي ، سُڌ نه پئي ڪا
هاٿي ڪندي ڇا ، هتي بنا هوت جي

هتي بنا هوت جي ، گوندر گذاري
اُتي آريءَ جام لئه ، هنجون پئي هاري
سسئي "تَبَسُمُ" سات ڪي سڏي ۽ ساري
پيئي پساري ، هٿي هام هوت سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هَڙئي هام هوت سان، پوري پئي پُلجي
پسي سُونهن صراف جي، جلدُ وٺي جهلجي
سسئيءَ سيراندي، پوءِ سنياري پنهنجي

پوءِ سنياري پنهنجي، سسئيءَ ساري سِڪ
جڏهن پنهونءَ پِڪَ، ناکئا نئي ويا

ناکئا نئي ويا، سسئيءَ پئي نه سُرتِ
کيچي رات ڪري ويا، ڪا جا ڪسي ڪِرتِ
موڙهي هُمن مَتِ، ڪسو ڪيائون ڪيچ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪسو ڪيائون ڪيچ ڪي، سوچ نه ستيائون
ٻوليل ٻانهن ٻروچ جي، ڇا ڪئون ڇڏيائون
اهڙو ڪم ڪيچين جو، اڳ نه ٻُڌو آئون
تڪڙ مان "تَبَسَمُ" چئي، ڪُڏو ڪم ڪيائون
مٿان ڪنيائون، مُوڙي ساري ملڪ جي

مُوڙي ساري ملڪ جي، مٿان ڪنيائون
ڇپر منجهه ڇڏي ويا نالِ نه نيائون
هو ته هيڏي ويا ڪري پر ڪجهه نه ڪيان آئون
مٿان ٻاروچو ٻڌي ۽ ٻچي مونڪائون
ته چوري ڇاڪئون، ٻِنين تي پنهنجاتِ ڪي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پِٽين ٽي پنھنجاتِ ڪي، ڪسي ڪر نہ ڪار
سسئي ڀاڻ سنيار، ٻوئي نہ ڪَنِ پنھونءُ جي

ٻوئي نہ ڪَنِ پنھونءُ جي، ۽ وري ڪينَ ورئي
لائق تہ ھونئن بہ ڪين ٽي، جو پِٽين پنھنجا ئي
صبر ڪر او سسئي، ھي ڪار نہ ڪرِ ڪائي
اھا ڪِرت ڪيڇيءَ ڪي متان وٽئي
۽ موٽي ٻوئي، سٽي سُڌ صبر جي

سٽي سُڌ صبر جي ، خوش ٽي ٻونڊءِ خانُ
تہ سسئي! وڏيءَ سمجھ سان ، اُڪاريئہ امتحان
مڙوئي منھنجن جو ڪيو ، متانھون تو مانُ
ھيڏي ھو ڪري ويا ، بہ صبر توسان ساڻُ
سسئي توٽي ھاڻ ، ٽيندي ڀاڄھ ٻروچ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيندي ٻاجھ ٻروچ جي، ايندُءِ اورانھون
ٻاٽيھي ويندَءِ ٻُورجي، اَندر جون آھون
گوڏي گڏبُئي "تَبَسُمُ" چئي، لڏءِ جنھن لائون
اِجھو اُتانھون، آئيہ ساٽ عجيب جو

آئيہ ساٽ عجيب جو، سھي ڪر سسئي
آڪيون اندر واريون، ٻاري ڏس تہ ٻئي
متان پوءِ اچئي، دوڪو اُنھيءَ ڏُر ڪان

دوڪو اُنھيءَ ڏُر ڪان، متان مليئي
سُڪي سمھجانءِ ڪين ڪي، ٻاسو وَرَ ڏيئي
اوجاڳو آڪين ڪي جي اڄ نہ ڏنوئي
سانده پوءِ سسئي، سمھندين ءِ ڪين سھاڳ سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمهندينءِ ڪين سهاڳ سان، جي غفلت ڪيئي گهٽي
آيا اٿئي اُن ڏي، منڊي مَنِ ڪٽي
اٿئي ٻالهه ٻٽي، پوءِ متان پوين مامرين

متان پوين مامرين ، ۽ ڏوراپا تون ڏين
نه ههڙي توسان هوت ، يا ڪئي آ ٻئي ڪنهن
پاڻ ئي ٿي سمهين ، سُکي سنجها ويل جو

سُکي سنجها ويل جو ، سمهي رهي سا
پنهونءَ کي پانهنجا ورتيون جڏهن ويا
تِهان پوءِ پيا ، "تَبَسُمُ" پور تنهين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"تَبَسُمُ" پُور تنهين کي ، ڏاڍا پوءِ ته پيا
ويا ويچاريءَ وِسري ، خوشيءَ جا ڪاڏا
آيس الائي ڪيترا ، آڪئين اوجاڳا
پوريءَ پئي پوڳيا ، ناتا انهيءَ ننڊ جا

ناتا انهيءَ ننڊ جا ، نياڳين نبرن
سَدوريون سُکن سان صفا ڪين سمهن
اٺ ئي پهر آکين کي اوجاڳيل رکن
متان سُکُ سمهن ، پير نه لهن پرينءَ جو

پير نه لهن پرينءَ جو ، ۽ پتيندي پُڇن
ته ههڙي پارين ڪِن ، ڏنو وَرُ ولهيءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنو وَرُ ولهيءَ جو، ههڙي پارِين ڪن
مونکي ساري ساٿ جي سرتيون سُڌِ ڏيوم
متان مَتِ وڃيم، ڏيان باه ڀنڀور کي

ڏيان باه ڀنڀور کي، ڪندي ڪچاڙو
راتيان ڏينهان روح ۾ روئڻ ۽ راڙو
پنهل جو پاڙو، ستت لهو سرتيون

سُتت لهو سرتيون، پنهونءَ سندو پيرُ
اونداهيءَ جو ڪير، ڏيندو ڏس ڏهاڳ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيندا ڏس ڏهاڳ جا، سنگي* لهندا سارَ
ڀڄائيندس پنهونءَ جا سيپئي پتا پار
ڪي چيڙائيندي ون چريءَ ڪي، ڪي ايندا منجهه ويچار
ڪي ڪلي چوندا خبر نه آ، ڪي ڪائي ويندا خار
ڪي چوندا ميري مڙس ڪئي، ڪي چوندا ڇڏي يارَ
ڪي سُڃاڻي مون سسئيءَ ڪي روئندا زارون زار
آرياڻيءَ جي عشق ۾، اولا نين# جا آرَ
مون تي سپ ميار، "تَبَسُمُ" نهي تن جي

* دوست، هم قدم
# طعنا، مهڻا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوڏهينءَ رات چڪور اڏاميو آڪاش ڏي
چاڙهي تَبَسُمَ چنڊ کي ڪَڪِرين چِڪَ چوڪور
چاندوڪين جو چور، وِتين سان وڙهندو رهيو

چيلي چڙهيو چنڊ چڪيا چاڪ فراق جا
تَبَسُمَ سِڪَ سَرِيرَ ۾ اُتاهون سمونڊ
جيءُ سمورو جنڊ ، پينهنجن پريشيون

سنڌوءَ جيڏا سور تيڏا پور پساهه کي
تَبَسُمَ چيپيا چت ۾ چهنباٽتا چنجور
پيلن جيڏا پورَ، جندڙيءَ موريا جوه ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*سَچُو ساٿ سڄاڻ مُهت ڪُهڻ تا مڱنا
اوڏي الفيون عشق جون مِٺائي ميراڻ
آسڻ تنهنجي آڻ نِمائڻ نراڙ ڪي

منڊڻ جو محتاج نه آئون منڊون مون سارين
لوچي لفظ لغات مان آڻيو مون آڇين
تَبَسُمَ پيون تاڻين سوچون سهرين جون

ڪارا ڪارا واڪ تي اُڀا ڪاريهر
ڦوڪون هڻن ڦڻ مان ڪڙرا ڪٽي ڪَرَ
ڏنگن هڻان ڏيهه ڪي ڏاڍا ڏين ڏَرَ
پوءِ به ڪين پَهَرَ تَبَسُمَ ڇڏي تن جي

* سچل سائينءَ ڏانهن اشارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتيون ڪڪر ڪهڪشان تنهنجو منهنجو چاڳا
وصل جو ويساهه ورُ ته ورجايون پرين

دل ۾ دلبر يار جي سانديي رکجي سڪ
تبسم ڪا به پلڪ، پري نه رکجي پاڻ کي

مُرڪي ڏسو منٽڙا ته ڦٽي هئي باک
سورج ڪٽي ساک سپرين تنهنجي سونهن جي

سگهو آءُ سانولڙا، موتيا آهن مينهن
نوان ڪيون نينهن گڏ گذاريون ڏينهڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پڙلنامو


1_ صفحي انين ۽ نائين جي وچ ۾

* ٽُڪَ بنديءَ

2_ صفحو نمبر 22

* چاشنيون

3_ صفحو نمبر 68

* حَوا

4_ صفحو نمبر 77

* پُرت

5_ صفحو نمبر 78

* ٻاٽَ

6_ صفحو نمبر 90

* چَپ

7_ صفحو نمبر 121

* سرنهن

* جهونجهڪڙيءَ

8_ صفحو نمبر 157

* پاڙ ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu